www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) اڱارو 16 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 22 ربيع الاول 1447ھ (شمارو 336) قيمت 20 روپيا

گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بيراج تي ٻوڏ صورتحال، اين ڊي ايم اي هائيڊرولوجيڪل الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

نيشنل ڊيزاسٽرمينجمينٽ اٿارٽي(اين ڊي ايم اي) جي نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينيٽر دريائن ۾ وهڪرن ۽ ٻوڏ صورتحال تي تفصيلي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

چناب ۾ تريمون، مرالہ، خانڪي ۽ قادرآباد جي هنڌ تي پاڻي جي سطح ۾ لاڳيتو گهٽتائي ڪان پوءِ صورتحال نارمل ۽ پنجند جي هنڌ تي 3 لک 8 هزار ڪيوسڪ سان مٿانهين درجي جي ٻوڏ موجود آهي

ڏکڻ پنجاب جي ضلعن ملتان، مظفر ڳڙهہ، راجن پور، لودهران، بهاولپور، رحيم يارخان، علي پور، سيت پور، لياقت پور، اوچ شريف ۽ احمد پور شرقي ۾ ٻوڏ صورتحال برقرار آهي

راوي درياءَ جي صورتحال گڏيل طور تي معمول موجب آهي پر گندا سنگهہ جي هنڌ تي هڪ لک 8 هزار ڪيوسڪ جو وهڪرو موجود آهي

سنڌو درياءَ ۾ تربيلا ۽ تونسہ تي صورتحال معمول موجب آهي، پر گڊو بيراج تي 6 لک 35 هزار ڪيوسڪ سان مٿانهين درجي ٻوڏ جي صورتحال آهي

وزيراعظم جي هدايت تي اين ڊي ايم اي سول، عسڪري ادارن سان مسلسل رابطي ۾ آهي ۽ ريسڪيو، رليف سرگرمين جي نگراني ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) نيشنل ڊيزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي سنڌو درياءَ جي هيٺاهين وارن هنڌن لاءِ هائيڊرولوجيڪل الرٽ جاري ڪندي چيو تہ سنڌ ۾ گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بيراج تي ٻوڏ صورتحال برقرار آهي. نيشنل ڊيزاسٽرمينجمينٽ اٿارٽي(اين ڊي ايم اي) جي نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينيٽر دريائن ۾ وهڪرن ۽ ٻوڏ صورتحال تي تفصيلي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. رپورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

شنگهائي:صدر آصف علي زرداري پاران شنگهائي ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف چائنا جي پهرين نيشنل ڪانگريس ميموريل جو دورو ڪندي

واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان ۽ ايران جي وزير فرزانہ صادق پاران پاڪ ايران گڏيل اقتصادي ڪميشن جي 22هين اجلاس جو افتتاح

تهران (م ڊ) واپار بابت وفاقي وزير جام ڪمال خان ۽ ايران جي شاهراهن ۽ شهري ترقي بابت وزير فرزانہ صادق تهران ۾ پاڪ ايران گڏيل اقتصادي ڪميشن جي 22هين اجلاس جو باضابطا افتتاح ڪيو. گڏيل ڏينهن جاري بيان موجب افتتاحي خطاب ۾ جام ڪمال خان چيو تہ پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عوام جي حقِ حڪمراني کي يقيني بڻائڻ ئي حقيقي جمهوريت آهي:مراد علي شاهہ

پاڪستان پيپلزپارٽي جي جدوجهد هميشہ عوامي حڪمراني ۽ جمهوري قدرن جي تحفظ لاءِ رهي آهي، جمهوري ادارن جي مضبوطي ملڪ جي استحڪام جي ضمانت آهي

عوام جي حقِ حڪمراني کي يقيني بڻائڻ ئي حقيقي جمهوريت آهي ۽ سنڌ حڪومت جمهوري روايتن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي. شفافيت، انصاف ۽ عوامي خدمت ئي جمهوريت جو حسن آهن

شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو عوام کي ووٽ جو حق ۽ جمهوري شعور ڏنو ۽ پاڪستان کي 1973ع جو متفقہ آئين جو تحفو ڏنو. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو آمريت خلاف بهادريءَ سان جدوجهد ڪئي

صدر مملڪت آصف علي زرداري "پاڪستان کپي" جو نعرو هڻي قومي اتحاد کي برقرار رکيو ۽ پارليامينٽ کي اختيار منتقل ڪري جمهوريت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڄ بہ جمهوريت جي استحڪام ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، جمهوريت ئي پاڪستان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي

پيپلزپارٽي سدائين آئين، پارليامينٽ ۽ عوامي حاڪميت جو دفاع ڪيو آهي ۽ پنهنجي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جون جانيون نذراني طور پيش ڪيون آهن

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جمهوريت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي تہ 15 سيپٽمبر تي پاڪستان سميت پوري دنيا ۾ يومِ جمهوريت طور ملهايو پيو وڃي. هن چيو تہ جمهوريت عوام جو آواز آهي ۽ ان جي حفاظت سڀني تي لازم آهي. سيد مراد علي شاهہ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي جدوجهد هميشہ عوامي حڪمراني ۽ جمهوري قدرن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گريٽر اسرائيل جي ايجنڊا عالمي امن لاءِ وڏو خطرو آهي: قطري امير

اسرائيل انسانيت خلاف ڏوهن ۾ سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون:شيخ تميم بن حمدالثاني

دوحا ۾ حملو وڏي جارحيت هئي ۽ اسرائيل قطر جي خود مختياري ۽ علائقائي سلامتي جي ڀڃڪڙي ڪئي

دوحا (م ڊ) عرب اسلامي هنگامي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪندي قطر جي امير شيخ تميم بن حمدالثاني چيو آهي تہ اسرائيل انسانيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پاڪستان جي پهرين ايڇ پي وي ويڪسين مهم جي شروعات ٿي وئي آهي:آصفہ ڀٽو

پهريون ڀيرو ڇوڪرين کي ايڇ پي وي وائرس کان بچاءَ جي ويڪسين لڳائڻ جي قومي مهم شروع ڪري رهيا آهيون

سروائيڪل ڪينسر اهو واحد ڪينسر آهي، جنهن کان بچاءُ ويڪسين ذريعي ممڪن آهي:خاتون اول

هن والدين کي اپيل ڪئي تہ اهي 9 کان 14 سالن تائين جي ڌيئرن کي ويڪسين ضرور لڳرائين، اڄوتہ گڏجي پنهنجي ڌيئرن لاءِ هڪ صحتمند مستقبل يقيني بڻايون

ڪراچي (رپورٽر) خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري سروائيڪل ڪينسر کان بچاءَ جي ويڪسين جي قومي مهم کي وڏو قدم قرار ڏئي چيو پاڪستان جي پهرين ايڇ پي وي ويڪسين مهم جي شروعات ٿي وئي آهي. آصفہ ڀٽو زرداري ان حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي:وڏي وزير مراد علي شاهہ سان وفاقي وزير مصدق ملڪ ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ جي وڏي وزير ۽ وفاقي وزير مصدق ملڪ ۾ ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وياج جي شرح برقرار رکڻ جو فيصلو

اسٽيٽ بئنڪ مانيٽري پاليسي جو اعلان ڪندي وياج جي شرح 11 سيڪڙو تي برقرار رکي آهي

مانيٽري پاليسي ڪميٽي وياج جي شرح 11 سيڪڙو برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وياج جي شرح برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ اينڊز بن مهينن لاءِ مانيٽري پاليسي جو اعلان ڪندي وياج جي شرح 11 سيڪڙو تي برقرار رکي آهي، مرڪزي بئنڪ موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

خيبر پختونخواهہ ۾ فورسز جون ڪارروائيون، ڀارتي حمايت يافتا 31 دهشتگرد مارجي ويا

13 ۽ 14 سيپٽمبر تي سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا ۾ بہ مختلف ڪارروائيون ڪيون جن ۾ گڏيل طور ڀارتي پراڪسي فتنہ الهندوستان جا 31 دهشتگرد ماريا ويا

سيڪيورٽي فورسز لڪي مروت ۾ انٽيليجنس بنياد تي آپريشن ڪيو جتي سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ 14 ڀارتي پراڪسي دهشتگرد مارجي ويا

هڪ ٻي ڪارروائي دوران بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ تي جنهن جي نتيجي ۾ 17 خارجي مارجي ويا:آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز جي خيبرپختونخوا ۾ 2 مختلف آپريشن دوران 31 دهشتگرد مارجي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، 13 ۽ 14 سيپٽمبر تي سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا ۾ بہ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

خيبر پختونخواهہ مان هڪ ئي ڏينهن پوليو جا 2 ڪيس رپورٽ

لڪي مروت ۽ اترو زيرستان مان نوان ڪيس سامهون آيا، مجموعي ڪيسن جو انگ 26 تي ويو

19 مهينن جي ٻارڙي ۽ 11 مهينن جي ٻارڙي ۾ پوليو جي تصديق ٿي آهي

اسلام آباد (بيورو) خيبر پختونخواهہ مان پوليو جا بہ نوان ڪيس سامهون اچي ويا. اختيارين موجب لڪي مروت ۽ اتر وزيرستان مان نوان ڪيس سامهون اچڻ کانپوءِ ملڪ ۾ هلندڙ سال پوليو جي مجموعي ڪيسن جو انگ 26 تي ويو آهي. اتر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ايڇ پي وي خلاف ويڪسينيشن ڪرائڻ تمام ضروري آهي:عذرا پيچوهو

اهڙا ڪيترائي ڪيس ڏٺا آهن جن ۾ عورتون سروائيڪل ڪينسر سبب فوت ٿي ويون آهن

سردار شاهہ ۽ شهزاد راءِ جي تمام گهڻي شڪرگذار آهيان جو مون کي هتان کان مهم شروع ڪرڻ جو موقعو ڏنو

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو آهي تہ ايڇ پي وي خلاف ويڪسينيشن ڪرائڻ تمام ضروري آهي. ڪراچي ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو تہ هن ڪيترائي ڪيس ڏٺا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسرائيل پاران عالمي قانونن جون ڌڄيون اڏائڻ مذمت جوڳو آهي:وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف قطر سان مڪمل يڪجهتي جي اظهار، گڏيل قومن ۾ اسرائيل جي ميمبرشپ معطل ڪرڻ جي تجويز جي حمايت ڪري ڇڏي

اسان هڪ ٻئي افسوسناڪ واقعي جي ڏس ۾ گڏ ٿيا آهيون، اسرائيل اسان جي ڀائر ملڪ قطر جي خودمختياري ۽ سلامتي جي خلاف ورزي ڪئي آهي

پاڪستان قطر سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو، اسرائيل جو قطر تي حملو جارحاڻي قدمن جو تسلسل آهي

دوحا (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسرائيلي جارحيت جي خلاف قطر سان مڪمل يڪجهتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

رياض:وزيراعظم شهباز شريف سعودي وليعهد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

رياض ۾ خوفناڪ روڊ حادثي ۾ 4 ماسترياڻيون ۽ ڊرائيور فوت

رياض (م ڊ) سعودي عرب جي شهر جازان ۾ خوفناڪ روڊ حادثي ۾ 4 ماسترياڻين سميت 5 ڄڻا فوت ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

تنقيد ۽ دعوائون ڪرڻ آسان هوندو آهي پر ڪم لاءِ گهر مان نڪري ميدان ۾ اچڻو پوندو آهي:مريم نواز

پنجاب جو پيسو عوام تي خرچ ڪنديس، نواز شريف جي ڌيءُ آهيان، ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگينديس

وزيرن کي واضح ڪيو آهي تہ جيستائين متاثرن کي رليف نٿو ملي فيلڊ مان واپس ناهي اچڻو

پهريون ڀيرو وزيراعليٰ جي ڪم ڪرڻ تي تنقيد پئي ٿئي، ٻيڙي ۾ وينس تہ تنقيد ڪئي وئي چوويني، انهن کي ڪم ڇڏي باقي سڀ ڪجهہ ايندو آهي

ميانوالي (ويب ڊيسڪ) وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز چيو آهي تہ پنجاب جو پيسو عوام تي خرچ ڪنديس، نواز شريف جي ڌيءُ آهيان، ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگينديس. ميانوالي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو تہ وزيرن کي واضح ڪيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20



اسان جي احتجاج سبب قاضي فائز عيسيٰ کي واڌ نہ ملي: علي امين گنڊاپور

پي ٽي آءِ باني اهو ٽارگيٽ ڏنو هو ۽ چيو هو تہ سڀني کي اچڻو آهي

شهيدن جي جنازن تي بہ سياست ڪئي ويندي آهي، ملڪ ۾ جمهوريت نہ پر جعلي اسيمبليون قائم آهن

راولپنڊي (م ڊ) خيبر پختونخواهہ جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور دعويٰ ڪئي آهي تہ اسان جي احتجاج سبب قاضي فائز عيسيٰ کي واڌ نہ ملي، 4 آڪٽوبر جي احتجاج جي نتيجي ۾ اسان اهو هدف حاصل ڪيو. راولپنڊي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي علي امين گنڊاپور چيو تہ پي ٽي آءِ باني اهو ٽارگيٽ ڏنو هو ۽ چيو هو تہ سڀني کي اچڻو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اڳوڻو ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو وفات ڪري ويو

روشن دين جوڻيجو مختصر علالت بعد دل جو دورو پوڻ سبب اسلام آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم عوامي خدمت، ضلعي جي ترقياتي منصوبن ۽ فلاحي ڪمن لاءِ سڃاتو ويندو هو

تنڊوآدم (م ڊ) تنڊوآدم جوڻيجا خاندان جو پڳدار پيپلز پارٽي جو اڳوڻو ايم اين اي روشن دين جوڻيجو 74 ورهين جي ڄمار ۾ مختصر علالت بعد دل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسين پرامن ۽ باوقار تهذيب جا وارث آهيون:اياز لطيف پليجو

دين ۾ ڪو بہ جبر ڪونهي، پاڪسان جي آئين ۾ سڀني کي برابري جي بنياد تي پنهنجا حق آهن

سنڌ ۾ سرداري، جاگيرداري ۽ قبائليت جا چنبا ڪوڙيل نہ هجن ها تہ سنڌ هيئن تباهہ ۽ برباد نہ ٿئي ها

حيدرآباد /ٽاٽو بولا خان(پ ر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو ٽاٽو بولا خان ۾ بال پوري آشرم پهتوجتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ ڪيس اجرڪن جا تعفا پيش ڪيا ويا.ان موقعي تي اياز لطيف پليجي ڳالهائيندي چيو تہ وزيراعظم ۽ صدر ٻڌائين تہ پرڏيهہ ۾ مقرر پاڪستاني سفيرن، قونصل جنرلس ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ٻوڏ صورتحال، پيپلزپارٽي سنڌ ۾ سياسي سرگرميون معطل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

دريائن ۾ پاڻي جي صورتحال معمول تي اچڻ تائين سياسي سرگرميون معطل رهنديون:پ پ سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو

پ پ اڳواڻ متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ سرگرم ڪردار ادا ڪن، رليف ڪيمپ قائم ڪن ۽ هر ممڪن تعاون ڪيو وڃي

سنڌ حڪومت پيپلزپارٽي هر مشڪل وقت ۾ عوام سان گڏ آهي. حڪومت مڪمل طور تي الرٽ آهي اميد آهي تہ ٻوڏ وهڪرو محفوظ طريقي سان گذري ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۾ ٻوڏ صورتحال کي نظر ۾ رکندي سياسي سرگرميون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي:پ پ سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ جي آئيني بينچ پاران سپر ٽيڪس بابت درخواستن جي ٻڌڻي 16 سيپٽمبر تائين ملتوي

اسلام آباد (بيورو)سپريم ڪورٽ جي آئيني بينچ. سپر ٽيڪس بابت درخواستن جي ٻڌڻيءَ اڱارو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد:وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال سروائيڪل ڪينسر بابت آگاهي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي: لانڍي ۾ واٽر ٽينڪر جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر، ماءُ پٽ فوت

ڪراچي ۾ هلندڙ سال هيوي گاڏين جي ٽڪر سبب فوت ٿي ويلن جو انگ هاڻ 195 تي ويو :رسڪيو اختيارين

پوليس يا ٻين اختيارين طرفان ٽرڪ ڊرائيور جي گرفتاري ۾ وٺڻ بابت ڪا بہ اڳيرائي نہ ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ واٽر ٽينڪر جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر جو هڪ ٻيو حادثو پيش آيو آهي جنهن ۾ ماءُ پٽ فوت ٿي ويا آهن. رپورٽ موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

جماعتي پائرن کي ان ڳالهہ تي ڪاوڙ آهي تہ اسان شهر ۾ ڪم ڇو پيا ڪيون:ميئر ڪراچي

حليم عادل شيخ چيو هو تہ حب ڪئنال لڙهي ويو آهي، پر پاڻيءَ جي دٻاءَ سبب حب ڪئنال جو 20 ميٽر حصو متاثر ٿيو هو جنهن جي 48 ڪلاڪن اندر مرمت ڪئي وئي

سياسي اختلاف تي غلط بياني ڪئي وڃي ٿي جنهن سان شهر جو تاثر خراب ٿئي ٿو سياست ضرور ڪريو پر ماڻهن کي ائين گمراهہ نہ ڪريو

شاهراهہ ڀٽو جي تعمير هيٺ حصي جو 150 کان 200 ميٽر جو حصو متاثر ٿيو، اسان وٽ هر ماڻهو انجنيئر ٿي وڃي ٿو، ڪجهہ دوست شرارت لاءِ اُتي پهتا، ٻڌا معيار نہ هئڻ گهرجن

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاران سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد(بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي کي پي کي ۾ پارٽي اسپانسرڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد:چيف جسٽس يحيٰ آفريدي آڊيٽر جنرل کي حلف کڻائي رهيو آهي

وفاقي سرڪار راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي وچ ۾ جديد تيز رفتار ٽرين هلائڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي وچ ۾ تيز رفتار ٽرين هلائڻ جو فيصلو گهرو وزير ۽ ريلوي واري وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ٿيو

اجلاس ۾ مارگلہ اسٽيشن، اسلام آباد کان راولپنڊي، صدر اسٽيشن تائين ريل منصوبو جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) حڪومت وفاقي راڄڌاني اسلام آباد کان راولپنڊي جي وچ ۾ جديد ۽ تيز رفتار ٽرين هلائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. رپورٽ موجب اسلام آباد ۽ راولپنڊي جي وچ ۾ تيز رفتار ٽرين هلائڻ جو فيصلو گهرو وزير ۽ ريلوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

خيابان عرفات تان جوابدارن هٿان پوليس اهلڪار اغوا

ڪراچي جي ڏکڻ ريڊ زون ۾ هڪ پوليس آفيسر کي بندوق جي زور تي اغوا ڪيو ويو

پوليس موبائل ۾ آفيسر ڊفينس خيابان عرفات ۾ هڪ مشڪوڪ گاڏي جي ڳولا ڪري رهيا هئا

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڊفينس خيابان عرفات ۾ شڪي ماڻهن فائرنگ ڪري هڪ هيڊ ڪانسٽيبل کي يرغمال بڻائي ورتو. جنهن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٻوڏ سبب پنجاب جي معيشت کي 500 ارب روپين جو نقصان پهتو آهي:احسن اقبال

ٻوڏ جي نتيجي ۾ پنجاب جي لکين ايڪڙ ايراضي تباهہ ٿي وئي، جڏهن تہ 4.3 سيڪڙو زرعي ايريا ۽ 45 لک ماڻهو متاثر ٿيا

وفاقي وزير احسن اقبال پاران ڀهيٽيان ۾ متاثرين کي امدادي سامان ورهائڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي

لاهور(م ڊ) وفاقي وزير ترقي، منصوبہ بندي احسن اقبال چيو آهي تہ ٻوڏ سبب پنجاب جي معيشت کي 500 ارب روپين جو نقصان ٿيو آهي. ڀهيٽيان ۾ متاثرين کي امدادي سامان ورهائڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير احسن ا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس حلف کڻي ورتو

جسٽس اقبال ڪلهوڙو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

ظفر احمد راجپوت کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي قائم مقام چيف جسٽس طور حلف ڪٽايو

ڪراچي(رپورٽر)جسٽس ظفراحمد راجپوت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي قائم مقام چيف جسٽس طور حلف کنيو.جسٽس اقبال ڪلهوڙو سنڌ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جمهوريت عوام جو آواز ۽ قوم جي طاقت آهي: پ پ ايم اين اي شازيہ مري

پاڪستان جو جمهوري سفر شهيدن جي قربانين تي ٻڌل آهي، قائدِ عوام شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو عوامي حق حاڪميت خاطر جانيون قربان ڪيون

صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ 18هين آئيني ترميم منظور ٿي، 18هين ترميم جمهوريت جي فتح ۽ پارليامينٽ جي مضبوطي آهي

جمهوريت جو تحفظ هر شهري ۽ اداري جو مقدس فرض آهي، پ پ جمهوريت جي استحڪام لاءِ پُختي عزم سان موجود آهي

اسلام آباد(بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جي مرڪزي ترجمان شازيہ مري چيو آهي تہ جمهوريت عوام جو آواز ۽ قوم جي طاقت آهي، هي نظام انصاف، برابري، آزادي ۽ وقار جو وعدو آهي. جمهوريت جي عالمي ڏينهن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وفاقي گهرو وزير ۽ ريلوي واري وفاقي وزير جي صدارت ۾ اهم اجلاس

اسلام آباد (بيورو)جاڙن شهرن وچ ۾ عوام کي جديد ۽ تيز رفتار سفري سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ اسلام آباد ۽ راولپنڊي وچ ۾ ريل سروس شروع ڪرڻ جو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد:وفاقي وزير ريلوي حنيف محمد اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

بلاول ڀٽو زرداري جي چين جي 120 سالہ قديمي فودان يونيورسٽي آمد، يونيورسٽي جي نائب صدر سان ملاقات

پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چين جي 120 سالہ قديمي فودان يونيورسٽيءَ جو دؤرو ڪيو

بلاول ڀٽو زرداري ۽ فودان يونيورسٽي جي نائب صدر وچ ۾ عالمي ناتن سميت ٻين موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

بلاول ڀٽو زرداري فودان يونيورسٽيءَ جي شاگردن سان پاڪ ـ چين دوستي جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي موضوع تي خطاب ڪيو

شنگهائي(م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چين جي 120 سالہ قديمي فودان يونيورسٽيءَ جو دؤرو ڪيو، جتي هن يونيورسٽيءَ جي نائب صدر ڊاڪٽر چن زهيمن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

مليرواسين ۽ سماجي ڪارڪنن پاران "شاهراهہ ڀٽو" ختم ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي پريس ڪلب ۾ عظيم دهڪان، صديق، احمد شبر، ورثا پيرزادو، عبيرا اشفاق، ياسر حسين ۽ ماسٽر اسلم سميت ٻين پريس ڪانفرنس ڪئي

هي منصوبو ملير نديءَ جي هيٺان ۽ فلڊ پلين تي تعمير ٿي رهيو آهي، جيڪو هزارين ماڻهن جي بي دخلي، زرخيز زمين جي تباهي ۽ ماحولياتي خطرن ۾ واڌ جو سبب بڻجي رهيو آهي:شهري

39 ڪلوميٽر ڊگهو منصوبو ماحولياتي ۽ سماجي تباهڪاريءَ جي خدشن سبب اڳ ئي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي، پر حڪومت عوامي خدشن کي نظرانداز ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملير جي رهواسين، سماجي ڪارڪنن ۽ وڪيلن سنڌ حڪومت جي ميگا منصوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد:وفاقي وزير شازا فاطمہ سان ترڪش سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران لڪي مروت ۽ بنون ۾ فتنہ الخوارج جي خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي واکاڻ

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف لڪي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ملڪ ۾ ڊينگي وائرس پکڙجڻ جو خطرو، الرٽ جاري

موسميات کاتي 20 سيپٽمبر کان ڊينگي پکڙجڻ جي خدشي کي ڏسندي عوام کي محتاط رهڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

تازين برساتن ۽ ٻوڏ جي پاڻي ڊينگي مڇرن جي واڌ ويجهہ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (بيورو) موسميات کاتي ڪراچي، لاهور، اسلام آباد سميت 10 وڏن شهرن ۾ ڊينگي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ عوام کي محتاط /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

جلال پور پيروالا ويجهو موٽروي جو هڪ حصو ٻوڏ ۾ لڙهي ويو

، ملتان ـ سکر ايم ـ 5 موٽروي جو هڪ حصو جلال پور پيروالا ويجهو ٻوڏ جي پاڻي ۾ لڙهڻ بعد موٽروي کي ٽريفڪ لاءِ بند ڪيو ويو آهي:پوليس اختيارين

اوچ شريف روڊ تي ڊراڙ سبب موٽروي کي سخت نقصان پهتو. اين ايڇ اي موٽروي پل جي مرمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڻي جي اوچائي سبب ڪم روڪيو ويو

چناب درياءَ جي پاڻي جي سطح گهٽجڻ کان پوءِ، شجاع آباد جي ٻوڏ وارن علائقن ۾ بہ پاڻي گهٽجڻ شروع ٿي ويو آهي

جلال پور (م ڊ) جلال پور پيروالا ويجهو موٽر وي جو هڪ حصو ٻوڏ ۾ لڙهي ويو. پوليس اختيارين موجب، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

موسميات کاتي پاران هلندڙ هفتي ملڪ جي مٿانهين وارن علائقن ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان وقفي وقفي سان برسات جي اڳڪٿي

اسلام آباد(بيورو) موسميات کاتي هلندڙ هفتي دوران ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

اسلام آباد:ناڻي واري وفاقي وزير سان پولينڊ جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ وارِ، اڄ پڻ آڳَڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.



رابطي لاءِ:
03153327758

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily
AWAMI SOCH
KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

اڱارو 16 سيپٽمبر 2025ع

ملڪ ۾ اٽو عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ڇو پيو وڃي؟

اسان جو ملڪ جنهن جي معيشت جو بنياد زراعت تي رکيل آهي، اهو اڄ ڪڻڪ جي ذخيرن جي کوٽ سبب غذائي بحران ڏانهن وڌي رهيو آهي. پنجاب، جيڪو ڪڻڪ پيداوار جو مرڪزي علائقو آهي، اتي موجود ذخيرن ۾ خطري جي گهنٽي وڃي رهي آهي. رپورٽن موجب پنجاب حڪومت وٽ فقط 8.9 لک ٽن ڪڻڪ موجود آهي، جڏهن ته ايندڙ ستن مهينن ۾ ان کي ڪل 42 لک ٽن جي ضرورت پوندي. يعني موجود ذخيرو ضرورت کان اڌ کان به گهٽ آهي. نتيجي طور سرڪاري سطح تي 14 لک ٽن جو شارٽ فال پيدا ٿي چڪو آهي، جيڪو ڪنهن به وقت سنگين بحران جو روپ اختيار ڪري سگهي ٿو. صوبائي حڪومت جو پاسڪو کان 14 لک ٽن ڪڻڪ حاصل ڪرڻ جي تجويز ۽ هر مهيني هڪ لک ٽن جاري ڪرڻ جو منصوبو عارضي سهارو ته ٿي سگهي ٿو پر اها پائيدار حڪمت عملي نه آهي.
خيبرپختونخوا لاءِ به هر مهيني هڪ لک ٽن ڪڻڪ نجي ذخيرن مان جاري ڪرڻ جو امڪان ٻڌايو پيو وڃي، جنهن سان پنجاب جي ذخيرن تي وڌيڪ بار پوندو. جيڪڏهن پاسڪو وقت سر ڪڻڪ فراهم نه ڪري سگهي ته صورتحال ايتري بگڙي سگهي ٿي جو مارڪيٽ ۾ اٽو عام ماڻهو جي دسترس کان ٻاهر ٿي وڃي. اڳ ئي حالتن ۾ جڏهن قيمتون عالمي مارڪيٽ کان وڌيڪ آهن، تڏهن هڪ نئون بحران نه رڳو مهانگائيءَ جي نئين لهر کڻي ايندو پر غذائي کوٽ سبب سماجي افراتفريءَ جو پڻ سبب بڻجي سگهي ٿو.
سوال اهو آهي ته زرعي ملڪ ۾ ايترو وڏو بحران آخر ڪيئن پيدا ٿيو؟ هڪ پاسي حڪومت هر سال بلند بلند دعوائون ڪري ٿي ته ملڪ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار تاريخي سطح تي پهچي وئي آهي، ٻئي پاسي چند مهينن کان پوءِ خبر پوي ٿي ته ذخيرو گهٽجي ويو آهي ۽ شارٽ فال پيدا ٿي ويو آهي. اها تضاد ڀري صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته زرعي پاليسين ۾ وڏو بگاڙ موجود آهي. فصلن جي صحيح رڪارڊنگ، مارڪيٽ جي نگراني ۽ اسٽوريج جي نظام ۾ شفافيت نه هجڻ ڪري هڪ طرف ڪاڌي جون شيون غيرقانوني ذخيرن ۾ بند ٿي وڃن ٿيون ته ٻئي طرف عوام کي مهانگي ۾ خريد ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي حوالي سان به صورتحال غيريقيني آهي. چيو پيو وڃي ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت ايندڙ هفتي ڪڻڪ جاري ڪري ٿي ته قيمتن ۾ ڪجھ گهٽتائي اچي سگهي ٿي، پر اها به رڳو عارضي رليف هوندي. مستقل حل ان ۾ آهي ته وفاقي ۽ صوبائي سطح تي جامع حڪمت عملي ترتيب ڏني وڃي. ملڪ ۾ ڪڻڪ جي طلب ۽ رسد جو حقيقي جائزو وٺڻ ضروري آهي. جيڪڏهن پيداوار گهٽ آهي ته وقت سر درآمد ڪرڻ گهرجي ته جيئن مارڪيٽ ۾ مصنوعي کوٽ پيدا نه ٿئي. هن سال گهٽ ۾ گهٽ 15 لک ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي، پر اها به هڪ اهڙي پاليسي آهي جيڪا ملڪ جي زرعي خودمختياريءَ تي سوال اٿاري ٿي. جڏهن ملڪ وٽ زمينون، وسيلن ۽ هارين جي محنت موجود آهي ته پوءِ ڇو اڄ به اسان کي درآمد تي ڀاڙڻو پوي ٿو؟
ٻئي طرف حڪومتن جي ترجيح ۾ زراعت پنتي نظر اچي ٿي. پاڻيءَ جي کوٽ، ڀاڻ جي قيمتن ۾ اضافو، معياري ٻج جي کوٽ، ۽ مارڪيٽ ۾ هارين کي سٺي اگهه نه ملڻ سبب هارين جو حوصلو ٽٽو آهي. جڏهن هڪ هاري کي پنهنجي پيداوار جو حقيقي اگهه نٿو ملي ته هو ايندڙ سال ساڳي فصل پوکڻ کان ڪيئن نه ڪترائيندو؟ اهڙي ناانصافيءَ جو نتيجو ئي اهو آهي جو زرعي ملڪ ۾ ڪڻڪ جهڙي بنيادي جنس ۾ به اسان خودمختيار نه رهياسين. فلور ملز ايسوسيئيشن جي انگن اکرن مان واضح آهي ته بحران رڳو شروع ٿيو آهي، جيڪڏهن حڪومت وقت سر قدم نه کنيا ته ايندڙ مهينن ۾ صورتحال عوام لاءِ ناقابلِ برداشت بڻجي ويندي. ملڪ ۾ اڳ ئي مهانگائي جي شرح تاريخي سطح تي آهي، پگهارون ساڳي رفتار سان ناهن وڌيون، روزگار جا موقعا گهٽجي ويا آهن، اهڙي صورتحال ۾ جڏهن اٽي جهڙي بنيادي خوراڪ جي قيمت وڌندي ته غريب عوام کي ٻن وقتن جي ماني ملڻ مشڪل ٿي پوندي.
اسان کي اهو به ڏسڻو پوندو ته بحرانن جي سياست ڪيئن هلي ٿي. ڪيترائي ڀيرا ڏٺو ويو آهي ته ڪڻڪ ۽ اٽي جي کوٽ کي دانسته طور پيدا ڪيو وڃي ٿو ته جيئن ڪجھ مخصوص طبقا ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هٿرادو کوٽ پيدا ڪري قيمت وڌائي، پوءِ ساڳيا ذخيريداران کي مهانگي اگهه تي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪن ٿا. اهڙي منديءَ جي من مانيءَ کي روڪڻ لاءِ سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن حڪومت حقيقي معنيٰ ۾ عوام دوست پاليسي تي عمل ڪرڻ چاهي ٿي ته سڀ کان پهرين ڪاڌي جي شين جي ذخيره اندوزيءَ خلاف آپريشن شروع ڪرڻو پوندو.
عالمي مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ سستي آهي پر پاڪستان ۾ مهانگي آهي، اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ملڪ ۾ مارڪيٽ ميڪانيزم ناڪام ٿي ويو آهي. شفافيت نه هجڻ، قيمتن تي نگراني نه هجڻ ۽ حڪومتي اداري جو غائب هجڻ ئي اصل سبب آهي. جيڪڏهن اڄ به زرعي شعبي کي ترجيح ڏني وڃي، هارين کي سڌي سبسڊي ڏني وڃي ۽ مارڪيٽ ۾ نئين ٽيڪنالاجي ۽ شفاف نظام آندو وڃي ته ملڪ ٻيهر غذائي خودمختياري حاصل ڪري سگهي ٿو.
اها حقيقت آهي ته کاڌو هر انسان جو بنيادي حق آهي. ڪنهن به حڪومت جي ڪاميابي ان ۾ آهي ته اها پنهنجي شهرين کي ٻن وقتن جي ماني مهيا ڪري سگهي. پاڪستان ۾ جڏهن ماڻهن کي بنيادي خوراڪ لاءِ به جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي ته اها حڪومت جي ناڪامي آهي. حڪومت کي هاڻي سنجيدگي سان سوچڻو پوندو ته ڇا اهو ملڪ رڳو تقريرن ۽ بيانن سان هلندو يا حقيقي حڪمت عمليءَ سان؟ ڪڻڪ ۽ اٽي جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ وقت سر قدمن کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي.
جيڪڏهن حڪمرانن اڄ به ان کي سنجيدگي سان نه ورتو ته ايندڙ ڏينهن ۾ اٽو عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويندو. ان کان پوءِ رڳو احتجاج، ڪاوڙ ۽ مايوسي بچندي، جيڪا ڪنهن به حڪومت لاءِ خطرناڪ هوندي. حڪومتن کي سمجهڻ گهرجي ته سياسي بقا جو راز به تڏهن آهي جڏهن عوام کي مطمئن رکيو وڃي. ۽ عوام جي وڏي ضرورت اهو آهي ته انهن جي چلهه ۾ باهه ٻرندي رهي.

عرب دنيا ۾ اسرائيلي دهشت ۽ آمريڪي افسوس

اعجاز منگي

قطر مٿان اسرائيلي حملي سبب جاني ۽ مالي زيان ته خير سان گهٽ ٿيو آهي پر ان حملي سبب جيڪو نفسياتي نقصان ٿيو آهي، ان جا تفصيل ڪنا ڪرڻ ۾ به چڱو خاصو وقت لڳي ويندو. جيتوڻيڪ ان حملي جو اصل حدف حماس جا اڳواڻ هئا پر اسرائيل جي ميزائلن ان جرقوتي (Water Bubble) کي ڦاڙي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ وچ اوڀر جا آمريڪا دوست عرب ملڪ ان خوشفهميءَ ۾ رهندا هئا ته جيستائين انهن جي مٿان آمريڪي آشيرواد جو سايو هٿ موجود هوندو، تيستائين دنيا جي ڪا به طاقت انهن مٿان حملو ڪرڻ جي همت ڪري نه ٿي سگهي، ۽ اهو اسرائيل ته هرگز نه. جيڪو آمريڪا جو لاڏلو ٻار آهي. اهوئي سبب هو ته تيل جي دولت ۽ آمريڪا جي حمايت سان مالامال عرب ملڪ هن مهل تائين غزا جي جاري قتل عام تي مجرماڻي مات جي مورت بڻيل رهيا. هڪ طرف اسرائيل وچ اوڀر ۾ پنهنجي والار مسلسل وڌائي رهيو هو ۽ ٻي طرف آمريڪا جي اصرار تي عرب ملڪ اسرائيل جي وجود کي تسليم ڪندي، هن سان پنهنجا سفارتي رشتا قائم ڪري رهيا هئا. عرب امارات کان وٺي قطر تائين جيڪي عرب ملڪ قطار ٺاهي اسرائيل سان ابراهيمي اڪارڊ قبول ڪرڻ طرف وڌي رهيا هئا، ان قطار جي آخر ۾ اهو سعودي عرب بيٺل هو، جيڪو نه صرف مقدس ماڳن سبب پوري دنيا جي مسلمانن لاءِ احترام جوڳو ملڪ آهي پر تيل جي دولت ۽ پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ جي ڪري به ان ملڪ جي ڀيٽ ٻئي ڪنهن مسلمان ملڪ سان نه ٿي ڪري سگهجي. اهو ملڪ جيڪو پنهنجن شهرين ۽ پوري دنيا جي آمريڪا مخالف مسلمانن جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ برداشت ڪرڻ جي باوجود به آمريڪا سان هر حالت ۾ هر قسم جو ساٿ نڀائيندڙ ملڪ ثابت ٿيو آهي، جڏهن هن ڀيري هن جي مٿان اسرائيل جا ميزائل اڏامي دوحا ۾ ڌماڪا ڪرڻ لڳا، تڏهن ان دهشت جي دائري ۾ وچ عرب جا مجموعي ملڪ ۽ خاص طور تي اهو سعودي عرب به شامل ٿي ويو، جنهن ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ايترو اسپيس ڏيڻ ۽ ايترو ڪجھ سهڻ جي باوجود به اسرائيل هن جي وجود مٿان وارننگ ڀريو پاڇو وجهي ان قطر مٿان وار ڪندو، جنهن طرفان آمريڪا جي البيلي صدر ڊونالڊ ٽرمپ جي آجيان دوران ڪيل جشنن جو شور اڃان تائين ميڊيا جي فضائن ۾ موجود آهي.
سعودي عرب جو ولي عهد شهزادو، صدر ٽرمپ جي ٽرڙي تقرير تي به مسڪرائيندو رهيو ۽ هن نه صرف ڊونالڊ ٽرمپ کي ذاتي حوالي سان قيمتي تحفا ڏنا پر هن آمريڪا سان ايترا مالي معاهدا به ڪيا، جيترا ٽرمپ صاحب چيا. قطر ته صدر ٽرمپ کي ان مهانگي جهاز جو تحفو به ڏنو جيڪو ٽرمپ پنهنجي ملڪ جي توشا خاني حوالي ڪرڻ لاءِ هن مهل تائين تيار ناهي. سونا برتن ۽ هيرن جا هار صدر ٽرمپ جي قدمن ۾ ان ڪري ته نه رکيا ويا هئا جو ان دوري کان پوءِ اسرائيل قطر مٿان حملو ڪري ۽ آمريڪا پاران اهو اعتراف اظهاريو وڃي ته هن کي اسرائيلي حملي جو پتو ان وقت پيو، جڏهن حملو روڪڻ ممڪن نه هو. جيڪڏهن آمريڪا کي خطرناڪ حملن جي وقت تي خبر به نه ٿي پوي ۽ هو حملو ٿيڻ کان پوءِ به افسوس جو اظهار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪري نه ٿو سگهي ته پوءِ وچ اوڀر جا امير ملڪ آمريڪي صدر جي خوشامد ۾ پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي مقابلي جو ميدان ڇو بڻائين؟ آمريڪي صدر جي آمد وقت پنهنجا قومي قاعدا ۽ ثقافتي معيار هيٺ مٿي ڪرڻ جي حوالي سان عرب ملڪن ۾ ته هڪ طرح جي چٽاڀيٽي ڏٺي وئي. صدر ٽرمپ جي دوري دوران سعودي عرب کان وٺي گڏيل عرب امارات تائين جنهن جنهن ملڪ جيڪو ڪجھ ڪيو، ان کان پوءِ آمريڪا ۽ انهن عرب ملڪن وچ ۾ تاريخ جو هڪ نئون دور شروع ٿيڻ جا اعلان ٿي ڪيا ويا. اتهاس کي نئون رخ ڏيندڙ انهن اعلانن جي ڏوڙ اڃان فضا ۾ موجود ئي هئي ته اسرائيل پاران ان قطر مٿان حملو ڪيو ويو، جيڪو اسرائيل ۽ عرب قوتن جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.
قطر مجموعي طور تي مسلمان ملڪن ۾ هلندڙ ڦڏن ۽ فسادن کي افهام ۽ تفهيم سان سلجهائي امن جي راهه تي هلائڻ جي ڪوشش ڪندڙ اهو ملڪ رهيو آهي، جنهن افغانستان ۾ امن جي قيام لاءِ آمريڪا ۽ طالبان وچ ۾ مذڪرات جو مشڪل ماحول ڪاميابيءَ تائين قائم رکڻ جو ڪارنامو سرانجام ڪري ڏيکاريو. اهو قطر ئي آهي، جنهن نه رڳو فلسطين جي معاملي کي بهتر انداز سان امن طرف وٺي وڃڻ جي سلسلي ۾ پنهنجو وقت ۽ سرمايو خرچ ڪيو آهي پر هن اولهندي پاسي فلسطيني اٿارٽي ۽ غزا ۾ حماس جي انتظامي نيٽ ورڪ کي هلائڻ جي لاءِ دل کولي امداد جاري رکي آهي. قطر اها امداد لڪ چپ ۾ به نه ڏني آهي. آڪٽوبر واري واقعي کان شروع ٿيل اسرائيلي حملن کان اڳ قطر حماس جي مالي مدد اسرائيل معرفت ڪندو رهيو آهي. اهو قطر ئي آهي، جنهن نه رڳو آمريڪا جي ڪري صرف اسرائيل جا نفرت جوڳا نخرا ئي برداشت نه ڪيا آهن پر هن آمريڪي حملن جي موٽ ۾ پنهنجي ملڪ مٿان ايران جا وار به برداشت ڪيا آهن. ايترين قربانين کان پوءِ به جيڪڏهن قطر سان اسرائيل اهڙو سلوڪ اختيار ڪري ۽ آمريڪا ان سفاڪ سلوڪ جو تماشو ڏسي ته ان صورتحال جو سعودي عرب سميت امارات ۽ باقي عرب ملڪن طرف ڪهڙو پيغام ٿو پهچي؟ ڇا ان پيغام ۾ اهو پڇتاءُ ناهي ته آمريڪا تي اعتبار ڪري انهن تاريخ جي تمام وڏي غلطي ڪئي آهي!
ملڪن کان ماورا عرب دنيا جي سوشل ميڊيا تي هن مهل جيڪو ڪجھ چيو لکيو ۽ پيش ڪيو پيو وڃي، اهو هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن جي مٿان غزا جي معصوم ٻارن ۽ مظلوم نارين جي رت جا نشان ايترا گهاٽا آهن جو اڪثر عرب حڪمرانن جا چهرا چٽي طرح نظر به نه ٿا اچن. جڏهن ته عرب دنيا جي وڏن دماغن ۽ اتان جي دانشورن بار بار انهن ملڪن جي حڪمرانن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تنبيهه ڪئي ته جيڪڏهن انهن غزا طرف اکيون ٻوٽي رکڻ وارو رويو جاري رکيو ته اسرائيلي حملن جو اڳيون حدف هو پاڻ هوندا. اهڙي چتاءَ کي اڃان گهڻو وقت نه گذريو آهي ته قطر مٿان اسرائيلي حملو ٿي چڪو آهي ۽ ان حملي ۾ قطر سميت وچ اوڀر جي آمريڪا نواز ملڪن جو جيڪو سياسي ۽ نفسياتي نقصان ٿيو آهي، ان جو مختصر جائزو به تمام گهڻو طويل ٿي ويندو. قطر مٿان اسرائيل جي ان حملي کان پوءِ وچ اوڀر ۾ آمريڪا جي عملداري ۽ عرب ملڪن جو لڏي ويل اعتبار نئين عالمي اتحاد جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي ته انيڪ امڪانن جا سراسرڻ جا منظر نظر اچن ٿا.
تازو بيجنگ ۾ چين پاران جنهن جنگي طاقت جو مظاهرو ڪندي روس، ڪوريا ۽ چين جهڙن جن سابق ۽ نيم سوشلسٽ ملڪن جو اتحاد عالمي بحث مباحثي جو موضوع بڻيو آهي، ان ۾ قطر مٿان اسرائيلي حملو هڪ معاملي کي نئين رخ سان ڏسڻ تي به اصرار ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ ملڪن جون رياستي پاليسيون انساني وفائن ۽ جفائن کان وڌيڪ پائدار ۽ وڌيڪ عرصي تائين هلڻ واريون هونديون آهن پر پراڻين پاليسين سبب اهڙا حملا نون نقصانن جو ڪارڻ ضرور بڻبا آهن. جهڙو حملو قطر مٿان اسرائيل ڪيو آهي ۽ ان حمل سبب فلسطين جو ڪيس گڏيل قومن جي اجلاس ۾ وڌيڪ موثر ۽ ڌيان جو در ڪڙڪائڻ سميت عالمي همدرديءَ سان هم آهنگي رکندو نظر اچي رهيو آهي. اسرائيل هاڻي ڪجھ به چوي ۽ آمريڪا هن جي حق ۾ ڪهڙيون به تاويلون پيش ڪري پر اسرائيل جي امن دشمن ۽ آمريڪا جي اعتبار مخالف رويي مٿان ڪنهن به پاليسيءَ جو پردو پوڻ ممڪن نه رهيو آهي. قطر مٿان اسرائيلي حملي ۽ ان ڏس ۾ آمريڪا جي ناڪام ڪردار عرب ملڪن کي عملي طور تي نه به ته گهٽ ۾ گهٽ سوچڻ جي حد تائين مجبور ضرور ڪيو هوندو ته هو آمريڪا کان سواءِ پنهنجي تحفظ جا متبادل ذريعا به تلاش ڪن. ان ڏس ۾ چين ۽ روس جو محاذ ڪيترو ڪارگر ٿي سگهي ٿو؟
قطر مٿان حملو ۽ آمريڪا پاران صرف افسوس وچ اوڀر ۾ سلامتيءَ جا نوان آپشن تلاش ڪرڻ جي دوران روس ۽ چين جو تحرڪ پوري منظرنامي کي پنهنجي مفاد ۾ ڪيئن ڦيرائي سگهي ٿو؟ ان سوال جو جواب ايندڙ وقت جي آغوش حوالي ڪري اسان کي هن مهل پنهنجي ملڪ جي ان ڪردار مٿان به سوچڻ گهرجي، جيڪو قطر سان همدرديءَ جو ڀرپور اظهار ڪندي، گڏيل قومن جي اجلاس ۾ سفارتي سطح تي اسرائيل سان اٽڪي عرب ملڪن کي ان تحفظ لاءِ پنهنجي وفا جو واعدو پيش ڪري رهيو آهي، جيڪو واعدو اسلامي دنيا جي اتحاد جي حوالي سان پاڪستان جي دفاعي قوت سان مشروط رهيو آهي. هن دنيا ۾ هڪ وقت اهڙو به هو جڏهن پاڪستان جي ايٽمي صلاحيت اسلامي دنيا لاءِ هڪ شيلڊ تصور ڪئي ويندي هئي. ان زره کي پنهنجي معنا فراموش ڪئي به زمانا گذري ويا آهن پر هن وقت جڏهن آمريڪا قطر مٿان اسرائيلي حملي تي اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ هن جي هن مهل تائين اسرائيل خلاف زبان به بند آهي ته ان وقت پاڪستان پاران قطر سان ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ۾ عرب ملڪن جي تحفظ ۽ پاڪستان جي مالي مدد جو ڪو امڪاني رشتو قائم ٿيڻ جي اميد تلاش ته ڪري سگهجي ٿي.
سرد جنگ جي دور ۾ پاڪستان عرب ملڪن کي اهو احساس ڏيارڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب هو ته هو ڪنهن به خارجي حملي ۽ داخلي شورش کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي اها فوجي قوت استعمال ڪري سگهي ٿو جنهن وٽ ايٽمي صلاحيت به آهي. ڇا پاڪستان پنهنجي پراڻي ۽ وڃائجي ويل حيثيت حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سوڀارو ٿي سگهي ٿو؟ دنيا جي سياسي معاشرت جو نظام مفادن جي تابع رهيو آهي. سرد جنگ جي دوران جڏهن آمريڪا ڏکڻ ايشيا کي سوويت يونين جي اثر کان بچائڻ جي سلسلي ۾ پاڪستان مٿان امدادن جا مينهن وسائيندو هو ۽ پنهنجي رياست ٽوڙي خانداني تاج تخت جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي آسري سبب عرب دنيا پاران اسان جي ملڪ جي دل کولي معاشي مدد ڪرڻ جو سلسلو سرد جنگ سان گڏ ختم ٿي چڪو ته هاڻي وچ اوڀر ۾ اسرائيلي جارحيت ۽ آمريڪا جي ناڪاره ضمانت پاڪستان لاءِ نئين موقعي جا امڪان ته پيدا ڪري سگهن ٿا پر انهن امڪانن جي مضبوط مادي صورت ڏيڻ لاءِ گهڻو ڪجھ گهربل آهي. مسرتن ۽ حسرتن جي وچ ۾ فاصلي جو فيصلو صرف حالتون نه پر اهي فرد ڪندا آهن، جن ۾ حالتن کي تبديل ڪرڻ جي قوت موجود هجي.

خاشقجي کان نصرالله گڏاڻي تائين- سچ لکندڙن جون قربانيون

ثوبيا ڪوسو

صحافت ڪوڙي تصوير ناهڻ جو نه پر سچ کي واڪو ڪرڻ جو نالو آهي، ۽ سچ طاقتورن جي اک ۾ سدائين ڪنڊو ٿي رهيو آهي. جڏهن قلم مان لفظن جي شڪل ۾ باهه جا شعلا نڪرندا آهن ۽ انهن شعلن مان ئي سچ نکري نروار ٿيندو آهي ته ان قلم کي خاموش ڪرائڻ لاءِ سازشون جوڙيون وينديون آهن، ڪوڙا الزام مڙهيا ويندا آهن.صحافين کي ڪڏهن غدار، ڪڏهن مذهب مخالف، ته ڪڏهن وري ملڪ جي سلامتي خلاف جو جواز بڻائي جيلن ۾ واڙيو ويندو آهي، دنيا جي تاريخ اهڙي داستانن سان ڀريل آهي جتي ظالم حڪمرانن ۽ انهن جي ساٿارين پنهنجو تخت ۽ پنهنجون ناهيل غيرقانوني ملڪيتون بچائڻ لاءِ سچ لکندڙن کي باغي، غدار، دهشتگرد، ايجنٽ، وطن دشمن سڏيو، پر تاريخ شاهد آهي ته ڪوڙا الزام ڪڏهن به سچائي کي روڪي ناهن سگهيا.
جمال خاشقجي جهڙو سچو آواز، جيڪو پنهنجي قوم جي درد ۾ لڇندو هو ۽ بنا ڪنهن ڊپ جي حڪمرانن جي اکين ۾ اکيون ملائي سوال ڪندو هو، کيس به باغي ۽ غدار قرار ڏنو ويو ۽ پوءِ سعودي قونصل خاني اندر سندس جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري سندس جسم مان روح ڪڍيو ويو ۽ حڪومت اهو سوچيو ته کيس مارڻ سان سچ به ختم ٿي ويندو پر اها رياست جي ڀل هئي، رياست سندس لفظن کي ڪڏهن به نه ماري سگهي، ٻئي طرف وري جوليان اسانج، جنهن آمريڪا سامراج جي سازشن کي واڪو ڪيو، ان کي به ايجنٽ جا لقب ڏنا ويا، ۽ پنهنجي پاڻ کي دنيا جي سڀ کان وڏي ڊيموڪريسي جو علمبردار سڏرائيندڙ آمريڪا ان صحافي جي قلم کان ايترو به ڊڄي ويو جو هڪ صحافيءَ کي قيد ڪيو ويو، ماريا رياسا جڏهن فلپائن ۾ هزارين بيگناهه قتلن تي سوال ڪيو ته حڪومت کيس ٽيڪس چور ۽ سائبر ڪرائم جي الزامن ۾ ڦاسائي ڇڏيو پر پوءِ به کيس نوبل انعام ڏنو ويو ته ڪوڙن، ٺڳن حڪمرانن جي منهن تي موچڙو لڳو.
روس ۾ هڪ عورت آننا پولٽڪوسڪايا، جيڪا چيچنيا ۾ رياستي ڏاڍ کي واڪو ڪندي رهي، ان کي دهشتگردن جو ساٿاري ڄاڻائي کيس گولين سان پروڻ ڪيو ويو، پر سندس رت سان لکيل سچ اڄ به روس جي تاريخ تي هڪ ٽڪي مثل آهي، ۽ اڄ جي ڳالهه ڪيون خاص ڪري هن ملڪ جي ته حامد مير کي سچ چوڻ جي اها سزا ملي جو کيس گوليون هنيون ويون، پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته الزام هڻندڙن کي تاريخ ڪڏهن به معاف ناهي ڪندي ۽ الزام ڪاٺڻ وارا ئي امر ٿيندا آهن، پنهنجي هڪ آرڊر ۾ پاڪستان جي سڀ کان وڏي ڪورٽ سپريم ڪورٽ پاڻ چيو آهي ته صحافت جي آزادي جمهوريت جي روح آهي، پر اڄ به صحافين کي ڪچلڻ لاءِ آرٽيڪل 19 کي لتاڙي ڪوڙا ڪيس ناهيا وڃن ٿا. گڏيل قومن جي رپورٽون، ايمنسٽي انٽرنيشنل جا اعلان، انساني حقن جي تنظيمن جا بيان سڀ دانهون ڪري چون ٿا ته صحافت تي لڳندڙ الزام اصل ۾ طاقتور جي ڪمزوري آهي، هڪ ڳالهه صاف آهي ته سچو صحافي ڪڏهن به پنهنجي ضمير جي ٻولي تي سودو نٿو ڪري، جيڪو قلم مظلومن جي رت سان سچ لکي ان کي ڪوڙو الزام خاموش نٿو ڪري سگهي، خاشقجي جي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ٿيل عضوا، اسانج جي سالن جي قيد، رياسا تي لڳل ڪوڙا ڪيس، پولٽڪوسڪايا جو رت، ۽ اسان جي سنڌ جي صحافي شهيد نصرالله گڏاڻي جو بي جان ۽ بنا روح جي مٽيل جسم وڏي واڪي چوندو آهي ته طاقتورن جا الزام ڪوڙا آهن، پر قلم جو سچ امر آهي. تاريخ جو فيصلو صاف آهي.الزام هڻندڙن جو نالو ڪو نه ڄاڻندو، پر سچ لکندڙن کي دنيا صديون ياد ڪندي، اسان وٽ به اهين ئي آهي، هڪ طرف طاقتور پاور فل حڪومت ۾ ويٺل وزيرن، مشيرن، جا دادلا وڏيرا ته ٻي طرف هڪ عام صحافي جنهن وٽ پنهنجو ذاتي گهر به ناهي، اهو جڏهن پنهنجي قلم مان سچ لکندو آهي ته اهي دادلا وڏيرا پهرين ته کيس چپ ڪرائڻ لاءِ لالچون ڏيندا آهن پر جڏهن لالچ کي اهو قلمڪار پيرن هيٺيان لتاڙي ڇڏيندو آهي ته مٿس الزام لڳايا ويندا آهن، مختلف طريقن سان کيس اڪيلو ڪرڻ جون سازشون ڪيون وينديون آهن، ۽ مٿس قاتلاڻا حملا ڪرايا ويندا آهن، پري نه وڃو جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ جي صرف لوڪل گورنمنٽ جي بجيٽ کي ڏسندا ۽ وري ڳوٺن، شهرن جي حالت ڏسندا ته اوهان کي اتي ئي اندازو ٿي ويندو ته حقيقت ڇا آهي، آئون سمجهان ٿي ته اهڙي ڪي صحافي ئي نه ڇٽجي جيڪو پنهنجي آسپاس جي رهواسين ۽ ڌرتي تي ظلم ٿيندي ڏسي به تماشائي بڻيل هجي، پر افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان وٽ گهڻي قدر ائين آهي، هو فلاڻو رئيس آهي ان جا وڏا واسطا آهن پوءِ هو ڇا به ڪري هن جي خلاف نه لکو، جيڪڏهن ظلم، بربريت، ڪرپشن جي خلاف نه لکجي. پوءِ مات ڪري گهر ويهي رهجي، پنهنجي اکين سان سڀ ڪجھ ڏسندي به پئسن يا ڊپ جي ڪري تماشائي بڻيل هجي پوءِ گرڙ پکي ۽ انسان ۾ ڪهڙو فرق رهجي وڃي؟ سچ ته سچ هوندو آهي پوءِ پلي وقتي طور سچ کي دٻائجي، سچ کي سولين تي لٽڪائجي، سچ کي جيلن ۾ واڙجي پر سچ وري به سچ هوندو آهي، ۽ سچ اهڙو ته طاقتور آهي جو اهي الزام ، اهي جيلون، اهي ٽارچر سيل سڀ ٽوڙي ٻاهر نڪري ايندو آهي

جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ر لوڪل گورنميٽ جي بجيٽ کي ڏسندا ۽ وري ڳوٺن، شهرن جي حالت ڏسندا ته اوهان کي اتي ئي اندازو ٿي ويندو ته حقيقت ڇا آهي، آئون سمجهان ٿي ته اهڙي ڪي صحافي ئي نه ڇٽجي جيڪو پنهنجي آسپاس جي رهواسين ۽ ڌرتي تي ظلم ٿيندي ڏسي به تماشائي بڻيل هجي، پر افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان وٽ گهڻي قدر ائين آهي، هو فلاڻو رئيس آهي ان جا وڏا واسطا آهن پوءِ هو ڇا به ڪري هن جي خلاف نه لکو، جيڪڏهن ظلم، بربريت، ڪرپشن جي خلاف نه لکجي. پوءِ مات ڪري گهر ويهي رهجي، پنهنجي اکين سان سڀ ڪجھ ڏسندي به پئسن يا ڊپ جي ڪري تماشائي بڻيل هجي پوءِ گرڙ پکي ۽ انسان ۾ ڪهڙو فرق رهجي وڃي؟

بقايا 01 ++✻++✻

موجب چناب ۾ تريمون، مرالا، خانڪي ۽ قادرآباد جي هنڌ تي پاڻي جي سطح ۾ لاڳيتو گهٽتائي کان پوءِ صورتحال نارمل آهي. پرپنجند جي هنڌ تي 3 لک 8 هزار ڪيوسڪ سان مٿانهين درجي جي ٻوڏ موجود آهي. ڏکڻ پنجاب جي ضلعن ملتان، مظفر ڳڙهه، راجن پور، لودهران، بهاولپور، رحيم يارخان، علي پور، سيت پور، لياقت پور، اوچ شريف ۽ احمد پور شرقي ۾ ٻوڏ صورتحال برقرار آهي. راوي درياءَ جي صورتحال گڏيل طور تي معمول موجب آهي پر گنڊا سنگهه جي هنڌ تي هڪ لک 8 هزار ڪيوسڪ جو وهڪرو موجود آهي. ستلج درياءَ ۾ صورتحال نارمل آهي جڏهن ته سليمانڪي ۽ بيدا اسلام جي هنڌ تي 89 هزار ۽ 83 هزار ڪيوسڪ جو وهڪرو موجود آهي. رپورٽ موجب سنڌو درياءَ ۾ تربيلا ۽ تونسه تي صورتحال معمول موجب آهي، پر گڊو بيراج تي 6 لک 35 هزار ڪيوسڪ سان مٿانهين درجي، سکر بيراج تي 5 لک 38 هزار ڪيوسڪ سان وچولي درجي ۽ ڪوٽڙي بيراج تي 2 لک 78 هزار ڪيوسڪ سان هيٺاهين درجي جي ٻوڏ موجود آهي. گڊو بيراج تي موجود وهڪرو ايندڙ 2 کان 3 ڏينهن ۾ سکر ۽ 24 کان 26 سيپٽمبر تائين ڪوٽڙي بيراج تي پهچندو. ڪوٽڙي بيراج تي وهڪرو 4 لک کان 4 لک 45 هزار ڪيوسڪ تائين وڌڻ جو امڪان آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته وزيراعظم جي هدايت تي اين ڊي ايم اي سول، عسڪري ادارن سان مسلسل رابطي ۾ آهي ۽ ريسڪيو، رليف سرگرمين جي نگراني ڪري رهيو آهي. هينئر تائين پنجاب ۾ ...

قيادت کي نشانو بڻايو. اسرائيل جون يرغماليـن جي پرامن آزادي جون سموريون دعوائون ڪوڙيون آهن ۽ گريٽر اسرائيل جي ايجنڊا عالمي امن لاءِ وڏو خطرو آهي. اسرائيل طرفان عالمي قانونن جي سنگين پامالي ڳڻتيءَ جوڳي آهي.

بقايا 04 ++✻++✻

سوشل ميڊيا تي لکيو ته ڀريون ڀيرو چوڪرين کي ايڇ پي وي وائرس کان بچاءَ جي ويڪسين لڳائڻ جي قومي مهم شروع ڪري رهيا آهيون. سروائيڪل ڪينسر اهو واحد ڪينسر آهي، جنهن کان بچاءَ ويڪسين ذريعي ممڪن آهي. هن والدين کي اپيل ڪئي ته اهي 9 کان 14 سالن تائين جي ڌيئرن کي ويڪسين ضرور لڳرائين، اڇو ته گڏجي پنهنجي ڌيئرن لاءِ هڪ صحتمند مستقبل يقيني بڻايون.

بقايا 05 ++✻++✻

بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ماسي کان اڳ 300 ڏينهن وارو ڪلائميٽ ايڪشن پلان شروع ڪرڻ، سکر بئراج جي گنجائش وڌائڻ، سنڌو درياهه جي ڪمزور بندن کي مضبوط ڪرڻ ۽ پراڻن قدرتي رستن کي بحال ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ته جيئن دريائي ۽ برساتي ٻوڏ دوران قيمتي جاني ۽ مالي نقصان کان بچي سگهجي. اها ڳالهه هن سي ايم هائوس ۾ ٿيل اجلاس دوران ڪئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ايندڙ سانوڻي جي مُند کي نظر ۾ رکندي 300 ڏينهن وارو ڪلائميٽ ايڪشن پلان تيار ڪيو ويندو. ان منصوبي تحت سڀئي صوبائي حڪومتون پنهنجون تجويزون ۽ ...

سنڌ حڪومت جي سمورن بيراجن جي صورتحال تي گهري نظر رکيل آهي گڊو بيراج تي مٿانهين، سکر بيراج تي وچولي درجي جي ٻوڏ آهي. صوبائي وزير چيو ته گڊو بيراج تي مٿانهين درجي، سکر بيراج تي وچولي درجي ۽ ڪوٽڙي بيراج تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي. هن چيو ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪچي جي علائقن مان 5 هزار 269 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو. هينئر تائين لڏ پلاڻ ڪندڙن جو گڏيل انگ هڪ لک 63 هزار 364 ٿي ويو آهي.

بقايا 10 ++✻++✻

16 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. جسٽس امين ...

هينان ۽ فلڊ پلين تي تعمير ٿي رهيو آهي، جيڪو هزارين ماڻهن جي بي دخلي، زرخيز زمين جي تباهي ۽ ماحولياتي خطرن ۾ واڌ جو سبب بڻجي رهيو آهي. هنن چيو ته 39 ڪلو ميٽر ڊگهو منصوبو ماحولياتي ۽ سماجي تباهڪاريءَ جي خدشن سبب اڳ ئي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي، پر حڪومت عوامي خدشن کي نظرانداز ڪري رهي آهي، تازين برساتن ۾ چام ڳوٺ ڊيم وٽ منصوبي جو حصو وهي ويو آهي، جيڪو حڪومت جي غفلت جو ثبوت آهي، جڏهن ته زمين جي حصول ۽ آبادڪاريءَ جو منصوبو به اڃا تائين ظاهر نه ڪيو ويو آهي. پريس ڪانفرنس پاڪستان ماحولياتي تحفظ موومنٽ، سنڌ انڊيجينس رائٽس الائنس ۽ گرين ...

بقايا 19 ++✻++✻

آهن جن ۾ عورتون سروائيڪل ڪينسر سبب فوت ٿي ويون آهن. ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو ته مان اسڪولن ۾ گهٽ ايندي آهيان. مان سردار شاهه ۽ شهزاد راءِ جي تمام گهڻي شڪرگذار آهيان جو مون کي هتان کان مهم شروع ڪرڻ جو موقعو ڏنو. سنڌ جي صحت واري وزير چيو ته هن بيماري جي تشخيص تمام دير سان ٿيندي آهي ۽ ان جون علامتون تمام گهٽ هونديون آهن. آخري مرحلي ۾ سروائيڪل تمام گهڻو دردناڪ ٿي ويندو آهي. هن چيو ته هڪ وائرس سروائيڪل ڪينسر جو سبب بڻجندو آهي، هي واحد ڪينسر آهي جنهن جي تشخيص ٿي چڪي آهي ۽ ان ...

آهي. ڪريٽ حڪمراني سنڌ جي ماڻهن کي ذهني طور بيوس، لاچار، مايوس ڪري ماري رهي آهي.

بقايا 23 ++✻++✻

۾ اپوزيشن پارٽي جماعت اسلامي تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته هاڻي هن شهر ۾ منافقت ٿيڻ نٿي ڏيندس ۽ انهن کي سخت لفظن ۾ جواب ڏيندس. ڪراچيءَ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته حليم عادل شيخ چيو هو ته حب ڪئنال لڙهي ويو آهي، پر پاڻيءَ جي دٻاءَ جي سبب حب ڪئنال جو 20 ميٽر حصو متاثر ٿيو هو جنهن جي 48 ڪلاڪن اندر مرمت ڪئي وئي، حب ڪئنال مان پاڻي جي فراهمي گڏيل ...

اهو ڏيکاريو آهي ته موسمياتي تبديلي مستقبل جو خطرو نه پر هڪ موجوده حقيقت آهي. اڄ جي ورهاست صرف رليف جي سامان جي فراهمي نه آهي اهو يڪجهتي ۽ اميد جو پيغام آهي. ٻئي طرف پنجاب جي رليف ڪمشنر چيو آهي ته خطرناڪ ٻوڏ صورتحال مان 4 هزار 700 ڳوٺ متاثر ٿيا ۽ 104 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. اڄ چئني صوبن جي زرعي ڪاتن جو اجلاس گهرايو آهي، ٻئي پاسي سياڻي کان سانوڻي جي يارهين اسپيل جو الرٽ جاري ڪيو ويو آهي جنهن جي ...

هوائن جو سلسلو 15 سيپٽمبر (شام/رات) کان ملڪ جي مٿانهين وارن علائقن ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان آهي، جيڪو 19 سيپٽمبر تائين برقرار رهي سگهي ٿو. ان جي اثر هيٺ خيبر پختونخوا ۾ 16 کان 19 سيپٽمبر دوران دير، چترال، سوات، ڪوهستان، شانگلا، بٽگرام، مانسهره، ايبٽ آباد، هري پور، بونير، ملاڪنڊ، باجوڙ، مهمند، ڪوهاٽ، پشاور، چارسده، نوشهره، مردان، صوابي، خيبر، اورڪزئي، ڪرم، هنگو، ڪرڪ ۽ وزيرستان ۾ تيز هوائن، آنڌاري ۽ گجگوڙ سان وقفي ...

بقايا 01

واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ميڙاڪي ۾ شريڪ ساٿين مرحوم علي بخش چنا کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته هو هڪ ايماندار سچو دوست محبتي ماڻهو سدائين کلندڙ مرڪندڙ ماڻهو هيو هميشه دوستن کي گڏ ڪري محبتون ورهائيندڙ ماڻهو هو هن جي وڇوڙي سان جيڪو خال پيدا ٿيو آهي ان کي ڪڏهن به پوري نٿو ڪري سگهجي. تعزيتي ميڙاڪي کي مهمان خاص نياز حسين هرڙو ڊي اي او پرائمري . منظور احمد نانگراج ڊائريڪٽر هوم ڊپارٽمنٽ . گريوا اڳواڻ محمد قاسم پٺاڻ . گريوا جو جنرل سيڪريٽري فضل الحق ڪلهوڙو .ڪالم نگار ۽ هيڊ ماستر انور مهراڻوي غلام رسول راڄپر . سينئر استاد شفيع محمد نانگراج. بهار فائونڊيشن جو جنرل سيڪريٽري منظور احمد ميمڻ . ذوالفقار سيال . آستا جو جنرل سيڪريٽري لالا بشير احمد پٺاڻ ۽ بهار فائونڊيشن جي چيئرمين محمد سچل وڏو ڳالهائيندي چيو ته سنن ماڻهن جا تعزيتي ميڙاڪا ۽ ڏهاڙا ملهائڻ به سنو عمل آهي پر اڃان به بهتر اهو آهي ته انسان دوست محبتي ماڻهو جي لاءِ محبتي ميڙاڪا ان جي هوندي ڪيا وڃن ها ته ان کي پنهنجي دوستن جي ڏنل محبتي موٽ تي فخر ٿئي ها . سائين علي بخش چنا جي هميشه ڪوشش رهي ته ٻين ماڻهن جي ڪم اچجي استاد تنظيم ڪراچي ڊويزن جو سربراهه هوندي ڪڏهن به ڪنهن استاد کان ڪنهن ڪم لاءِ پئسه نه ورتائين هميشه پنهنجي هڙان وڙان ڪوشش ڪري استادن جو آفيسرن کان جائز ڪم ڪرائي استادن حوالي ڪندي خوشي محسوس ڪندو هو . استاد علي بخش چنا پنهنجي زندگي جو وقت پوءِ ڏينهن هجي يا رات ماڻهن جي خدمت ڪندي گذاري ڇڏيو . استاد علي بخش چنا جهڙا استاد تمام گهٽ آهن جن پنهنجي نوڪري به ايماندار سان ڪئي ۽ ماڻهن جي خدمت به سچائي سان ڪئي . هنن وڌيڪ چيو ته اسان سيني کي استاد علي بخش چنا جي ڇڏيل مشن کي ايمانداري ۽ سچائي سان پورو ڪرڻ گهرجي ان موقعي تي سينيئر استاد شفيع محمد نانگراج چيو ته استاد علي بخش چنا جي هر سال ورسي تقريب ڪرائي ويندي هن وڌيڪ چيو ته بهار فائونڊيشن جو اڳواڻ محترم محمد سچل وڏو جس لهي جيڪو هر وقت ماڻهن جي خدمت ڪندي دوستن کي گهرائي پنهنجي اداري منهنجي امڙ پبلڪ لائبريري ۾ عزتون محبتون ڏئي ٿو

بقايا 02

ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو، ايس ايس پي فاروق احمد بجاراڻي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر صفدر علي شاهه، ڊي اي او سيڪنڊري حضور بخش خاصخيلي، ڊي اي او پرائمري نور سرائي، ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن ايڇ پي وي ڊاڪٽر بخت حسين شا، هيڊ مسٽريس ياسمين انڙ سميت استادن ۽ شاگرديائين وڏي تعداد ۾ شرڪت. ان موقعي تي پ پ اڳواڻ عاشق حسين زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايڇ پي وي ويڪسين عورتن جي زندگين کي بچائڻ لاءِ اهم قدم آهي، ڇو ته سروائيڪل ڪينسر دنيا ۾ عورتن جي موت جو هڪ وڏو سبب بڻجي رهيو آهي، هن زور ڀريو ته صحت کاتي، اسڪولن ۽ والدين کي ويڪسين بابت ڳوٺن توڙي شهرن جي عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ گڏجي آگاهي مهم هلائڻ گهرجي. هُن عوام خاص طور تي والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي نياڻين کي ٽڪا ضرور لڳرائين ته جيئن ڪين امڪاني ڪينسر جهڙي موذي مرض کان محفوظ بڻائي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو چيو ته ضلعي ۾ نياڻين کي ويڪسين لڳائڻ جو هدف 12 ڏينهن اندر مڪمل ڪيو ويندو. جنهن لاءِ هر يونين ڪائونسل ۾ ٽيمون مقرر ڪيو ويون آهن جيڪي سوشل موبلائزر ذريعي نياڻين کي ٽڪا لڳائينديون. هن چيو ته ضلعي انتظاميه صحت کاتي سان گڏجي ويڪسين مهم کي ڪامياب بڻائيندي ته جيئن نياڻين کي ڪينسر جهڙي موذي مرض کان بچائي سگهجي. ڊي ايڇ او ڊاڪٽر صفدر علي شاهه چيو ته ضلعي ۾ 9 کان 14 سالن جي ڇوڪرين کي ايڇ پي وي ويڪسين مهيا ڪئي ويندي. هُن چيو ته وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شا ۽ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جو انقلابي قدم آهي جن هيڏي مهانگي ويڪسين هتان جي غريب نياڻين لاءِ فري ڪرائي آهي. هُن چيو ته ضلعي اندر 72 هزار 600 نياڻين کي هلندڙ سرويڪل ويڪسين مهم تحت ٻچي داني ۾ ڪينسر جهڙي وبا کان حفاظت طور ٽڪا لڳائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ ضلعي جي چئن ئي تعلقن ۾ ٽيمون اڄ کان روانيون ٿي ويون آهن. هُن ٻڌايو ته ويڪسين بلڪل محفوظ آهي ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ عورتن کي سروائيڪل ڪينسر کان بچائڻ لاءِ ڪاميابي سان استعمال ٿي رهي آهي. هن جو چوڻ هو ته ضلعي انتظاميه، تعليم، صحت ۽ ٻين سمورن کاتن جي تعاون ۽ گڏيل ڪوششن سان مقرر هدف حاصل ڪري مهم کي سئو سيڪڙو ڪامياب بڻايو ويندو. ايس ايس پي فاروق احمد بجاراڻي چيو ته ويڪسين مهم ۾ پوليس طرفان مڪمل سهڪار ڪيو ويندو ته جيئن سيڪيورٽي جو ماحول برقرار رهي. آخر ۾ اسڪول جي ڇوڪرين کي ايڇ پي وي ويڪسين جا ٽڪا پڻ لڳايا ويا. جڏهن ته انتظاميه والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي ٻارن کي بروقت ويڪسين ڪرائين ته جيئن مستقبل ۾ ڪين خطرناڪ بيماري کان بچائي سگهجي.

بقايا 03

ڪئي هئي. ساڳئي اسڪول ۾ هڪ ٻيو انڪشاف ٿيو آهي ته هڪ جي ايس ٽي ٽيچر مسلسل اسڪول کان غير حاضر مظفر ڪوريجو موڪلون ٻن مهينن يا ٽن مهينن جون هئڻ باوجود وٽ آئوٽ پي بجاءِ موڪلن سان گڏ پگهارون کڻڻ جو انڪشاف جي ايس ٽي ٽيچر جو ڪارنامون ته ميڊيڪل رپورٽ نه سروس بڪ موڪل جي داخلا ۽ سندس سروس به 3 سال سروس ڪندڙ کي لاءِ موڪل ڪيتري هوندي آهي صرف هڪ سال 2024 ۾ ست مهينا موڪل 2 مهينا گرمي جي ويڪيشن ۽ غير حاضري الڳ هئڻ سبب تعليم کاتي دادو جي آفيسرن عدم توجه نه هئڻ سبب اسڪول ۾ ٻارن جي تعليم داءَ تي لڳائي ڇڏي تعليم کاتي دادو جي اختيارين موڪلن ۽ پگهارن جي تصديق ٿي نه ڪئي آهي وڪلون ڪيئن ٿيون ۽ پگهارون ڪيئن جاري رهيون تعليم کاتي جون اعليٰ اختياريون آخران معاملي تي خاموشي جو اختيار ڪئي آهي سال 2025 جي ويڪيشن بعد صرف 3 ڏينهن حاضر بعد ڏيڍ مهينو غير حاضر رهڻ بعد بائيوسڪوپ مترڪ ٽيم ڏيتي ليتي بعد به خاموشي اختيار ڪري ڇڏي ٻارن جي تعليم متاثر ٿيڻ تي ڳوٺائن مجبور ٿي تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کي شڪايتن ۽ درخواستن ڪرڻ بعد تعليم کاتي جي اختيارين سي ايم او دادو ڊي اي او سڪنڊري ۽ ٽي اي او سيڪنڊري آفيسرن ۾ ٽرڪلو مچي ويو ۽ ياد رهي ته پهريان تعليم کاتي دادو جون اعليٰ آخر خاموش چو هيون ڳوٺائن جو تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان سوال ؟ تعليم کاتي سان واسطا آفيسن صاف شفاف جانچ آخر چو نه ڪئي ۽ اسڪول جي وزٽ ڪرڻ جي منع ڪئي وئي آهي جا هفتي جي منٿلي رپورٽ به نه ورتي ويندي آهي دادو تعليم کاتي دادو جي اختيارين ۽ بائيو ميٽرڪ جي اختيارين گوسڙو ماسترن کي ڪيئن رليف ڏنو پيو وڃي اميناڻي جي ڳوٺائن چيف جسٽس آف پاڪستان چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ سيشن جج دادو وزير تعليم سنڌ سيڪريٽري تعليم سنڌ ڊي سي دادو اي سي دادو اي ڊي سي دادو محتسب اعليٰ دادو ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد سنڌ کان مطالبو ٿا ڪريون ته تعليم کاتي دادو جي گوسڙو ماستر خلاف شفاف جاچ ڪري سخت کان سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ اهڙي نااهل ماسترن کي فوري طور ڪيمپس هاءِ اسڪول اميناڻي مان نيڪالي ڏني وڃي جيئن اسڪول جو ماحول وڌيڪ خراب نه ٿئي

بقايا 04

ميٽنگ هال سوريا بادشاهه ڪمپليڪس عمرڪوٽ ۾ منعقد ٿيو، اجلاس ۾ ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير احمد ميمڻ، رٽرننگ آفيسر/ چيف مونسپل آفيسر ضلعي ڪائونسل عمرڪوٽ امتياز هاليپوٽو، رٽرننگ آفيسر/ اسسٽنٽ ڪمشنر سامارو ۽ پٿورو سنجي ڪمار ترڪيو، اسسٽنٽ ڪمشنر عمرڪوٽ رجب علي سنيو ايڪسين ايجوڪيشن ورڪس وشال داس، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عمرڪوٽ مير حسن آريسر، ايس ڊي او حيسڪو عمرڪوٽ، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر محمد اسلم ڀٽي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ هريش چندر، اي ڊي ايڇ او عمرڪوٽ ڊاڪٽر لڇمڻ داس، سيڪريٽري آر ٽي اي سيد شيراز علي شاهه، سينيئر اسسٽنٽ اليڪشن ڪميشن آفيس عمرڪوٽ جسروپ داس، ايجوڪيشن کاتي جو فوڪل پرسن راڻو مل ۽ ضلعي عمرڪوٽ جا سمورا لاڳاپيل کاتن جا آفيسر شريڪ ٿيا، جن ۾ پوليس، لوڪل گورنمينٽ، ريونيو، هيلٿ، ايجوڪيشن، ميونسپل، تعليم، حيسڪو، آر ٽي اي ۽ ٻين ادارن جا نمائندا پڻ شريڪ ٿيا. اجلاس جو مقصد ضلعي عمرڪوٽ ۾ 24 سيپٽمبر 2025 تي ٿيندڙ بلدياتي چونڊن جي پرامن، شفاف ۽ منظم انعقاد لاءِ سيڪيورٽي پلان، ٽرانسپورٽيشن، بجلي جي فراهمي، پولنگ اسٽاف جي موجودگي ۽ ٻين انتظامي معاملن جو جائزو وٺڻ هو. ان موقعي تي سيد طيب زوار بخاري ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر عمرڪوٽ سمورن آفيسرن کي هدايت ڪندي چيو ته ڊسٽرڪٽ ڪائونسل عمرڪوٽ ۽ چيئرمين يونين ڪائونسل جي خالي جڳهن تي اليڪشن ڪميشن جي مقرر ڪيل شيڊول مطابق چونڊون ڪرايون وينديون. ان موقعي تي هن پولنگ اسٽيشنن جي فهرست جو جائزو ورتو ۽ انهن جي حساسيت مطابق درجابندي ڪرڻ جي هدايت ڏني وئي. هن پوليس کاتي کي هدايت ڪئي ته پولنگ ڊي جي ڏينهن سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام يقيني بڻايا وڃن. حساس ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنن تي اضافي نفري مقرر ڪئي وڃي. هن چيو ته پولنگ عملي جي فهرست تيار ڪئي وڃي ۽ عملي کي چونڊ ڊيوٽي جي حوالي سان ٽريننگ سيشنز ۾ شامل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. هن چيو ته بيلٽ پيپرز، بيلٽ باڪسز ۽ ٻين انتخابي سامان جي ترسيل لاءِ فول پروف پلان تيار ڪيو وڃي. هن چيو ته مانيٽرنگ ٽيمون ناهڻ بابت پڻ غور ڪيو وڃي ته جيئن پولنگ جي عمل تي ڪڙي نظر رکي سگهجي. ان موقعي تي هن چيو ته معذور ۽ بزرگ شهرين لاءِ پولنگ اسٽيشنن تي خاص سهولتون مهيا ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر اجلاس جي پڄاڻيءَ تي سمورن کاتن جي سهڪار کي پڻ ساراهيو ۽ چيو ته بلدياتي چونڊن کي شفاف، پرامن ۽ منصفاڻو بڻائڻ اسان سيني جي گڏيل ذميواري آهي، هن واضح ڪيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي عملدرآمد هر حالت ۾ يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 05

۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پيش ٿيا. جسٽس ذوالفقار علي سانگي ۽ جسٽس رياضت علي ساهڙ تي مشتمل آئيني بئنچ آڏو درخواستگذار محمد شزاد ۽ ٻين جي وڪيل واجد علي شيخ دليل ڏيندي چيو ته ڪارخانن ۾ پورهيو ڪندڙ مزدورن لاءِ سنڌ حڪومت طرفان ٺاهيل ليبر ڪالوني سکر جي 1024 فليٽن مان اڪثر فليٽس تي قبضا ڪيا ويا آهن. جنهن ڪري مزدور پريشان آهن. 443 فليٽن تي ٿيل قبضا ختم ڪرائي فيڪٽرين ۾ مزدوري ڪندڙ پورهيتن کي فليٽ الاٽ ڪيا وڃن. ان کان علاوه ليبر ڪالوني فليٽس ۾ قانوني طور رهندڙ الاٽيز کي بجلي ۽ گئس جي فراهمي بند ڪئي وئي آهي. عدالت کي استدعا آهي ته فليٽن تان قبضا ختم ڪرائي بجلي ۽ گئس جي سپلاءِ بحال ڪرائي وڃي. ان دوران عدالت اسسٽنٽ ڪمشنر نئون سکر ۽ ڊائريڪٽر ورڪرز ويلفيئر بورڊ مٿان سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي ريمارڪس ڏيندي چيو ته اوهان کي شرم اچڻ گهرجي. فليٽن تي قبضا ٿي وڃن ٿا. انهن جا در، دريون پٽجي وڃن ٿيون ۽ ٻيو سامان پٽي چوري ڪيو ويو پر ايڊمنسٽريشن کي ڪجهه پتو ئي ناهي. عدالت جاٽايل آفيسرن کي چند پٽي ته ڇا فليٽ سرڪار جي ملڪيت ناهن ۽ اوهان تي انهن جي حفاظت ۽ سارسنڀال ڪرڻ جي ذميواري لاڳو ناهي، پوءِ اوهان پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ ڪوتاهي ڪيئن ڪري سگهو ٿا. ان موقعي تي ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي هٽايل ڊائريڪٽر زاهد هڪڙو جي ڳالهائڻ تي عدالت ڪائنس آڏي پڇا ڪئي ته اوهان عهدي تي ناهيو رهيا پوءِ ڪورٽ سگوري ۾ ڪهڙي حيثيت ۾ پيش ٿيا آهيو. عدالت ۾ فليٽن تي ٿيل قبضا ختم ڪرائڻ بابت اي سي نئون سکر طرفان جمع ڪرايل رپورٽ تي درخواستگذارن جي وڪيل اعتراض واريندي چيو ته اها رپورٽ درست ناهي. انهي بعد عدالت ڊائريڪٽر ورڪرز ويلفيئر بورڊ احتشام کي حڪم ڏنو آهي ته سکر جي ليبر ڪالوني فليٽن جو وزٽ ڪري قبضي هيٺ آيل فليٽن جي تعداد، سهولتن جي کوٽ، اسڪول، ڪميونٽي هال، صحت مرڪز، شاپنگ سينٽر سميت ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي ليبر ڪالوني ۾ مقرر ڊيوٽي اسٽاف جا تفصيل وار انگ اکرن تي مشتمل رپورٽ 10 ڏينهن تائين جمع ڪرائي وڃي. عدالت اسسٽنٽ ڪمشنر نئون سکر کي تنبيهه ڪئي ته جيڪڏهن درست رپورٽ پيش نه ڪئي وئي ته پوءِ چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ صوبائي سيڪريٽري ليبر کي عدالت ۾ طلب ڪيو ويندو. جنهن ڪانپوءِ درخواستن تي ٻڌڻي 25 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪئي وئي

بقايا 06

اٿيون تعليم کان محروم ٿيڻ جو خطرو آهي شاگرديائين جي والدين، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين ۾ ڪريم حسين خواجه، ادريس ڪٽي، لالا ڪٽي، بابو جان هنگورجو اقبال رند ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته غلام الله شهر جي مين هاءِ اسڪول جي عمارت جو ڪم شروع ٿيڻ سان ٿي والدين ۽ شاگرديائين ۾ خوشي هئي، پر ٺيڪيدار جي سستي، ڪم ۾ بي ترتيبي ۽ ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ سبب صورتحال ابتري جو شڪار ٿي وئي آهي نياڻيون غيرمحفوظ ۽ تعليم کان محروم شهرين موجب اسڪول جي ڪم دوران نياڻين کي بوائز هاءِ اسڪول غلام الله ۾ عارضي طور تي منتقل ڪيو ويو آهي، جيڪو شهر کان پري هجڻ ڪري نياڻين لاءِ آمدورفت ۾ وڏي ڏکيائي پيدا ڪري رهيو آهي ڪيترن والدين پنهنجي نياڻين کي سفر جي مسئلن، امن امان جي صورتحال ۽ مالي بار جي ڪري اسڪول وڃڻ نه ڏنو آهي. جنهن سبب تعليم ۾ تسلسل ٽٽي پيو آهي. ٻئي طرف گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول جي حالت پڻ زبون حال آهي. جتي عمارت جي ڪمزوري سبب والدين خوف ۾ مبتلا آهن ۽ ڪيترن نياڻين کي گهر ويهاري ڇڏيو ويو آهي ناقص ميٽيريل ۽ مبينا ڪرپشن جا الزام احتجاج ڪندڙ شهرين الزام هنيو ته اسڪول جي تعمير ۾ گهٽ معيار جو سيمينٽ، لوهي لئون ۽ ٻيو سامان استعمال ڪيو ويو آهي. جنهن سان نه رڳو مستقبل ۾ عمارت غيرمحفوظ بڻجي ويندي پر نياڻين جي زندگين لاءِ به خطرو ٿي سگهي ٿو انتظاميا کان مطالبا والدين، شاگرديائين ۽ سماجي اڳواڻن تعليم کاتي، ضلعي انتظاميا ۽ وزير تعليم کان مطالبو ڪيو آهي ته: فوري طور تي تعميراتي ڪم ٻيهر شروع ڪيو وڃي ٺيڪيدار جي لاپرواهي جو نوٽيس وٺي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي ناقص ميٽيريل ڪڍي معيار موجب ڪم مڪمل ڪيو وڃي پرائمري ۽ هاءِ اسڪول ٻنهي جون عمارتون مڪمل ڪري نياڻين کي محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪيو وڃي شهرين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن انتظاميا فوري طور قدم نه کنيو ته غلام الله شهر ۾ نياڻين جي تعليم مڪمل طور تباهه ٿي ويندي ۽ هو سخت احتجاج جو رستو اختيار ڪندا

بقايا 07

مطالبن جا بينر کڻي رکيا هئا. پريس ڪلب پهچڻ تي مقررين چيو ته سنڌ حڪومت ٻين صوبن جي مقابلي ۾ اسان جي حقن کان انڪار ڪري رهي آهي. پينشن ۾ ڪٽوتي هجي. گروپ انشورنس جو مسئلو هجي، يا مهانگائي جي حساب سان پگهارن نه وڌائڻ. اسان پنهنجي حقن لاءِ وڙهندا رهنداسين. سرڪاري ملازمن جون 42 تنظيمون پنهنجن هڪ درجن کان وڌيڪ مطالبن لاءِ ٻاهر نڪتيون آهن. جيڪڏهن سنڌ حڪومت اسان جا جائز مطالبا قبول نه ڪيا ته اسان ڪراچي ۾ ڌرڻو لڳائينداسين. ڪجهه مهينا اڳ ڪراچي ۾ ڪيل احتجاج ۾ حڪومت اسان جي خلاف بيٺي هئي. پر اسان پوئتي نه هٽڻ وارا آهيون. احتجاج ۾ عورتن جي وڏي انگ ۾ پڻ موجود هئي. هي احتجاج آفيسن کي تالا هڻي ڪيو ويو

بقايا 08

ثبوت پيش ڪندي چيو ته ذوالقرنين عرف ڪرنل پليجو جيڪو پنهنجو پاڻ کي رينيو جي آفيسن ۾ (ڪرنل) سڏائيندو آهي ۽ رينيو کاتي جي راشي عملي سان ملي ڪري ضلعي ٺٽي جي مختلف ديهن ۾ ٻه هزار ايڪڙ سرڪاري زمينون مختلف ماڻهن جي نالن تي جعلي کاتا رکرائي وڪرو ڪندو رهيو آهي ان کان علاوه غريب ماڻهن جي نالن تي رکيل موروثي سروي کاتا ڦيرائي پنهنجن فرادين جي ٽولي جي مختيار پليجو، احمد پليجو، گلزار پليجو، ممتاز جي نالن تي داخلاتون رکرائي وڪرو ڪندو رهيو آهي. سپريم ڪورٽ جي پاران ٽرانسفر، ليز، وڪرو ڪرڻ تي بندش هئڻ جي باوجود رينيو ڊپارٽمينٽ جي ملي ڀڳت سان مقامي ڦر ليند مافيا جي ذريعي پراڻين تاريخن ۾ جعلي داخلاتن ذريعي 20 ارب رپين کان وڌيڪ جي قيمتي ۾ هزار ايڪڙن کان وڌيڪ جون زمينون پگهڙن مٽ تي وڪرو ڪري ڇڏيون آهن. مذڪور شخص ذوالقرنين ڪرنل پليجو اصل ۾ ميونسپل ڪميٽي ٺٽي ۾ ماليءَ جي پوسٽ ٻئي گريڊ ملازم آهي پيو جنهن جا بئنڪن جا اڪائونٽ ڪمپنين جي نالي تي استعمال ٿين پيا ليند مافيا جي ٽولي سياسي پوتارن ۽ انهن جي ڪمدارن جي آشيرواد سان رينيو کاتي جي ملي ڀڳت ذريعي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جي ڏيتي ليتيءَ ذريعي پراڻين تاريخن ۾ کاتا رکرائي غير مقامي ڪمپنين، بلڊرن، سرمائيدارن کي ديهه هاليجي، ديهه جنگشاهي ، ديهه هالاٽ ، ديهه گجو، ديه ڪوهستان ست پاڳي چار، ديه ڪوهستان ست پاڳي ٽي ۽ ٻين ديهن ۾ وڪرو ڪري ڏنيون ويون آهن مقامي حقدارن غريبن جا موروثي کاتا رشوت عيوض رينيو ڊپارٽمينٽ جي ملي ڀڳت سان ڦيرائي وڪرو ڪرڻ جا انڪشاف ٿيا آهن جن جا شاهديون موجود آهن. ان کان علاوه رينيو عملي جي ملي ڀڳت سان سابق ڊپٽي ڪمشنر جي صحيح سان جديشل آرڊرن ذريعي سرڪاري زمينن جون ڪوڙيون داخلاتون رکي کاتا اسڪيننگ ڪرائي وڪرو ڪيا ويا آهن جيڪڏهن شفاف جاچ ڪرائي ته وڌيڪ ڪرپشن ظاهر ٿيندي. ۾ غير مقامي ماڻهن کي واهي چاهي شرطن تي ست اٺ سئو ايڪڙ زمين ديه هالاٽ تپو هاليجي ۾ الاٽ ٿيل هئي. جنهن تي مقامي ماڻهن اپيلون ڪيون جنهن کان پوءِ زمين سال 1999 ع ۾ ڪئنسل ٿي ان کان پوءِ سرڪار کلي ڪچهري ۾ رينيو بورڊ جي منظوري سان مقامي هارين کي الاٽ ڪرڻ لاءِ شيڊيول شايع ڪيو جيڪو سال 2000 ع ۾ ڪچهري رکي وئي هئي جنهن ۾ ڪجھ زمين حقدارن کي ملي ڪجھ زمين تي اعتراض داخل ٿيل آهن. ان تي EDO رينيو نه صاحب جن بالا حڪام جي احڪامن تي پوري ڪچهري 2006 ۾ ڪئنسل ڪئي هئي. جنهن جا ڪيس ايڊيشنل ڪمشنر حيدرآباد وٽ پڻ هلندڙ آهن جنهن جا حاضر ٿيڻ جا نوٽيس موجوده مختيارڪار صاحب پڻ جاري ڪندڙ پيو اچي ۽ ساڳين سروي نمبرن جي جعلي داخلاتون رکي سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪري غير مقامي ماڻهن کي ڪروڙين رپين ۾ وڪرو ڪري ڏنيون ويون آهن جن جا پروف پيش ڪجن ٿا. اڃان جيڪڏهن جاچ ڪرائبي ته ٻين ديهن ۾ اهڙيون جعلي داخلاتون ملنديون. شفاف انڪوائري نيب هتان ڪرائي وڃي ته جيئن انهن ڪرپٽ آفيسرن سان گڏ فرادين جي ٽولي کي به پڪڙ ۾ آندو وڃي ۽ جنهن جي والد (عبدالله خان) شروعات ٿي ۽ نمبر ڪمن کان ڪئي جنهن رينيو عملي جي راشي ٽولي سان ساز باز ڪري گورنمينٽ جي پاليسي کان هٽي ڪري ديه هالاٽ ۾ پنهنجي فيملي جي صغير (معصوم) ٻارن جي نالي تي گجھ گوهه ۾ غير قانوني طور تي 1993 ۾ زمينون الاٽ ڪرايون ان سان گڏوگڏ پنهنجي نالي تي گورنمينٽ جي پاليسي حدن کان وڌيڪ هڪڙي ئي ڏينهن تي عليحده عليحده گرانٽون انگن جي ڦيرڦار ذريعي قانون کي انڌيري ۾ رکي ڪري ڪرايون جيڪي بعد ۾ فيملي جي ٻين فردن جي نالي تي تبديل ڪيون ويون آهن. جنهن لاءِ اسين سنڌ گورنمينٽ جي اعلي اختيارن ايجنسين ۽ ذميدارن کي گذارش ٿا ڪريون ته هڪ شفاف انڪوائري NAB يا FIA ذريعي ڪرائي غير قانوني طور تي وڪرو ڪيل سرڪاري زمينن جا جعلي داخلاتون ڪئنسل ڪيا وڃن ۽ فراڊ ۾ ملوث رينيو عملي سميت خانگي فرادين جي ٽولي کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي ۽ اربين رپين وصول ڪري سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايا وڃن.

جاري آهن ايڇ پيڇ بند جي ويجهو ڳوٺ ملاقاتيار، ڳوٺ وسي ملوڪ شاهه، ڳوٺ سليمان سومرو ۽ ڳوٺ جهنگلي شورو ۾ پندرهين ڏينهن به مفت ميڊيڪل ڪيمپس لڳايا ويا ضلعي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر صادق خواجه ۽ ڊي اير پي پي ايڇ آءِ طاهر لاشاري جي نگراني هيٺ انهن ڪيمپن ۾ گڏيل طور 582 مريضن جو علاج ڪيو ويو. جن مان 166 پنجن ورهين کان گهٽ عمر جا ٻارڙا پڻ شامل هئا هيلٿ آفيسر موجب مريضن ۾ سڀ کان وڌيڪ مليريا جي علامتن وارا 106 ڪيس ظاهر ٿيا ان کان علاوه نزلا، زڪام ۽ بخار جا 75 ڪيس، جلدي بيمارين جا 75، دست جا 25 ۽ اکين جي بيماري (آشوب چشم) جا 11 ڪيس رپورٽ ٿيا حامد عورتن مان صرف ٻه مريضائن جو معائنو ڪيو ويو جڏهن ته خانداني منصوبابندي جا ٻه ٻه ڪيس رجسٽر ٿيا ڪيمپن ۾ گڏيل طور تي 167 ليبارٽري ٽيسٽ ڪيا ويا. جڏهن ته پنجن ورهين کان گهٽ عمر جي 90 ٻارن جي خوراڪ جي کوٽ بابت اسڪريننگ پڻ ڪئي وئي ان مان 5 ٻار سخت ۽ 6 ٻار وچولي سطح جي خوراڪ جي کوٽ جو شڪار قرار ڏنا ويا ٻئي طرف ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينمل هسبينڊري ڊاڪٽر غلام الله جونيجو ٻڌايو ته تعلقه بلڙي شاهه ڪريم جي مختلف ڳوٺن ۾ جانورن لاءِ ته وترنري ڪيمپس لڳايا ويا انهن ڪيمپن ۾ گڏيل طور 293 جانورن جو معائنو ڪيو ويو جن مان 270 کي ويڪسين لڳائي وئي جڏهن ته 23 جانورن جو علاج ڪيو ويو ضلعي انتظاميا جي چوڻ موجب امڪاني ٻوڏ جي صورتحال ۾ عوام ۽ مال مويشن کي بروقت ۽ معياري طبي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ميڊيڪل ۽ وترنري ڪيمپن جو سلسلو ايندڙ ڏينهن ۾ به جاري رهندو.

بقايا 10

ڪائونسل مير الله بچايو ٽالپر ۾ خالي ٿيل سيٽن تي ٿينديون. ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر جي آفيس ۾ پولنگ اسٽيشنز جي انتظام، سيڪيورٽي، عملدارن جي مقرري ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن جي اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر محمد علي لونڊ، ريٽرننگ آفيسر جهدو غضنفر پرداخ، سينيئر اليڪشن ڪمشنر محمد علي لونڊ، اسسٽنٽ انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس عارف آرائين، اسسٽنٽ اليڪشن ڪمشنر مشتاق علي مستوئي، پوليس ۽ صحت کاتي جا آفيسر شرڪت ڪئي. خالد حسين لونڊ ٻڌايو ته ٻنهي علائقن ۾ چونڊن لاءِ 11 پولنگ اسٽيشنز ۽ 38 بوٿ مقرر ڪيا ويا آهن. جن مان 19 مردانه ۽ 19 عورتن جا بوٿ هوندا. جڏهن ته 10 پولنگ اسٽيشنز تي عملي کي مقرر ڪيو ويندو. تعلقه شجاع آباد جي وارڊ 1 ۾ 2 هزار 60 ووٽر پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندا. جڏهن ته يونين ڪائونسل مير الله بچايو ٽالپر ۾ 11 هزار 588 ووٽر پنهنجو حق راءِ ڏيڻ جو استعمال ڪندا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته شجاع آباد وارڊ 1 ۾ 3 اميدوار ميدان ۾ آهن. جڏهن ته يونين ڪائونسل مير الله بچايو ٽالپر جي وائس چيئرمين جي چونڊ لاءِ 7 اميدوار مقابلي ۾ حصو وٺي رهيا آهن. واضح رهي ته شجاع آباد جي اميدوار جي استعيفي ۽ مير الله بچايو ٽالپر جي وفات سبب اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان هي ضمني چونڊون ڪرائي پيون وڃن.

بقايا 11

ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر صفدر حيدر جوڻيجو، ساجد مسن، عبدالوحد جوڻيجو، جن ڪئي. هن پرنور محفل ۾ حافظ عبدالرزاق جوڻيجو ۽ حافظ ذوالفقار جوڻيجو جن سيرت نبي ڪريم تي خطاب ڪيو. ان سان گڏوگڏ سنڌ جو مشهور نعت خوان عباد قاسمي ۽ مدد علي ميتلو هن محفل کي حضور ڪريم جن جون نعتون پڙهي جهومائي ڇڏيو. هن پرنور محفل جي مهمانن ۾ صدر نشات ريحن لاڙڪانو سميع جوڻيجو، مولا بخش جوڻيجو، علي محمد ڳاڏهي، فقير منظور علي جوڻيجو جن هئا. جڏهن ته پروگرام جي انتظاميا ۾ غلام مصطفي جوڻيجو، عرفان علي جوڻيجو. مزمل جوڻيجو، سمير جوڻيجو، شرڪت جوڻيجو سميت ٻين پڻ شرڪت ڪئي، آخر ۾ ملڪي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعا خير گهري جشن عيد ميلاد النبي صلعم جو لنگر تقسيم ڪيو ويو.

بقايا 12

۾ گرفتار ڪرڻ جي هدايت پوليس پاران هڪ جوابدار صديق ماڇي گرفتار ٻين جوابدار جي گرفتاري لاءِ پوليس جا ڇاپا جاري واپاري طبقي سميت سمورن شهرين جو تحفظ ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهون ٿا اسان جي پرامن علائقي ۾ ڪنهن کي به امن خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين هڪ جوابدار گرفتار ٿيو آهي باقي ٻيا به جيڪي هن سان گڏ هوندا اهي گرفتار ٿيندا واقعي جي جيتري مزمت ڪجي گهٽ آهي اهڙو اظهار صوبائي وزير تعليم معدنيات سيد سردار علي شاهه ۽ پ پ اڳواڻ سيد سرفراز علي شاهه پنهنجي بيان ۾ ڪيو آهي

بقايا 13

پروموشن" به شامل آهن متاثره استاديائين حاجل سيلرو، زهره ڪوڪر، غلام زينب، ڪبريٰ ڪوسو ۽ گل ناز ڪوسو احتجاج ڪندي چيو ته 23 جولاءِ 2025 واري ڊي پي سي ۾ سينيارٽي جا اصول لتاڙيا ويا ۽ تعليم کاتي جا عملدار مبينا طور ڳري رشوت وٺي مخصوص استادن کي فائدو پهچايو استاديائين الزام هنيو ته پنج استادن کي جعلي آءِ ڊي هوندي به ترقي ڏني وئي، جيڪا واضح بدعنواني جو ثبوت آهي متاثر استاديائين ڪراچي پهچي سيڪريٽري تعليم سنڌ وٽ لکت ۾ شڪايت داخل ڪرائي، جنهن ۾ ڊي اي او قمبر شهدادڪوٽ الله بخش سومرو ۽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن لاڙڪاڻو صفدر شاهه مٿان سنگين الزام لڳايا ويا ماٿر ماستريائين جي شڪايت تي سيڪريٽري تعليم 8 سيپٽمبر تي جاچ جو حڪم ڏنو. پر متاثره استاديائين مطابق ڪين انصاف ڏيڻ بدران ابتڙ سندن خلاف ئي انڪوائري جاري ڪئي وئي. جنهن جي ٻڌڻي 19 سيپٽمبر تي لاڙڪاڻي ۾ مقرر آهي سندن چوڻ آهي ته کاتي جي ڪرپشن کي واڪو ڪرڻ "جرم" بڻجي ويو آهي ۽ ڪين پنهنجا حق گهرڻ تي سزا ڏني پئي وڃي متاثر ماستريائين مايوسي باوجود اعلان ڪيو آهي ته هو غيرقانوني ڊي پي سي ۽ بوگس پروموشن خلاف عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪنديون حاجل سيلرو چيو: "اسان وٽ ناقابل ترديد ثبوت موجود آهن ته جعلي سڃاڻپ هيٺ پروموشن ڏنا ويا، جيڪڏهن انصاف نه مليو ته عدالت جو در کڙڪائينداسين استاديائين سنڌ جي وزير تعليم، سيڪريٽري تعليم ۽ وزيراعليٰ سنڌ کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ ذميوار آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 14

آرڊر ڪاميٽي جي ميمبر سناوالله ميمڻ، سپريم ڪورٽ جي ايڊووڪيٽ محمد زبير هاشمي ۽ عطاالله ميمڻ شرڪت ڪئي. ملاقات دوران انساني حقن جي مسئلن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ۽ مختلف تجويزون به پيش ڪيون ويون. راجوير سنگ سوڍو زور ڀريو ته انساني حقن جي تحفظ لاءِ گڏيل ڪوششن ۽ ويجهڙائي سان ڪم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

بقايا 15

ٻوڏ سبب ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ نه ڏيندس بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ استادن ۽ شاگردن کي انعام ۽ شاباسي ڏيڻ فرض سمجهان ٿو اياز حسين مهيسر رپورٽ موجب گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول احمدپور ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٽيچرز کي ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب ٿي گڏيل تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري خيرپور اياز حسين مهيسر مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي بهترين تعليمي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شازيه لاڪو، شهنيلا لاڪو، عابده عزيز ۽ ارم حسن لاڙڪ کي بيسٽ ٽيچر جو ايوارڊ ڏنو جڏهن ته معرڪ حق پروگرام جي مختلف ايونٽس ۾ حصو وٺندڙ شاگرديائين کي پڻ انعام ڏنا ويا ان موقعي تي انعامي تقريب ۾ خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري خيرپور اياز حسين مهيسر چيو ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ استادن کي ايوارڊ ڏيڻ سان سندن همت افزائي ٿيندي ۽ وڌيڪ جوش ۽ جذبي پنهنجون ذميواريون نڀائيندا هن وڌيڪ چيو ته خيرپور ضلعي ۾ ڪوبه پرائمري اسڪول بند ناهي، ٻوڏ متاثر اسڪولن جي عملي ۽ شاگردن کي پرواري اسڪولن ۽ پناهگاهن ۾ عارضي طور منتقل ڪيو ويو آهي ته جيئن سندن تعليم متاثر نه ٿئي هن ٻوڏ متاثر والدين تي زور ڀريو ته هو ٻوڏ جي سبب پنهنجي ٻارڙن جي تعليم متاثر نه ڪن , ڪين ڪهڙي به ويجهي اسڪول ۾ موڪلي سندن تعليم جاري رکن ان موقعي شهريار قل فوڪل پرسن ۽ ڊسٽرڪٽ آرگنائيزر معرڪ حق ايونٽس خيرپور ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا

بقايا 16

سيل سکر ۽ ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 22 سيپٽمبر تي جواب داخل ڪرائڻ لاءِ طلب ڪري ورتو. خبرموجب سکر جي ڪنزيومر ڪورٽ / جوڊيشل مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ شمس آباد واسي وڪيل نادر شبير دايو درخواست داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو آهي ته يوسي شمس آباد جي رهائشي علائقن ۾ صفائي سٿرائي جي ناقص صورتحال آهي، گهٽين ۾ گهڙن، اسڪولن، صحت مرڪزن ۽ دڪانن تي ٻاهران گند ڪچري جا ڍير پيل هوندا آهن جن کي روزاني بنياد تي ڪٺي نيڪالي لڳائڻ جي ذميواري پوري نه ٿي ڪئي وڃي، ان کان علاوه يوسي جي رهائشي آباديءَ ۾ قبضا مافيا جي حدخلين جي آزار سبب روڊ رستا سوڙها ٿي ويا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ پيرين پنڌ توڙي موٽرگاڏين ۾ اچ وڃ ڪرڻ دوران ماڻهن کي سخت تڪليف ڀوڳڻي پوي ٿي، علائقي واسين لاڳاپيل ذميوارن کي حدخلين ۽ گندگي جو آزار ختم ڪرڻ لاءِ لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن پر پوءِ به ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو. هن عدالت کي استدعا ڪئي آهي ته لاڳاپيل ادارن جي ذميوارن جي ڪوتاهين ۽ غفلت جو نوٽيس وٺي شمس آباد جي رهواسين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرايون وڃن. سکر جي ڪنزيومر / جوڊيشل مئجسٽريٽ جي ڪورٽ سگوري ۾ داخل درخواست جي ابتدائي ٻڌڻي بعد عدالت ڊي سي سکر، ميئر سکر، ڊائريڪٽر سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ سکر، ٽائون چيئرمين مڪي شاهه، ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ سيل سکر ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 22 سيپٽمبر تائين جواب داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا 17

پٽ شاهه. ٽنڊوآدم روڊ تي ميدان ناهيو پيو وڃي . خانداني ذريعن موجب روشن الدين جوڻيجو جي نماز جنازا سپائي 11 وڳي ادا ڪئي ويندي. ٻئي پاسي اڳواڻ ايم اين اي پ پ پ اڳواڻ روشن جوڻيجو جي وفات تي صدر آصف علي زرداري، پ پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپور، وزيراعلاسنڌ سيد مراد علي شاهه، سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ . پ پ پ اڳواڻ چاچا عبدالرحمان ٿهيم . صوبائي وزير شاهد سلام ٿهيم، سميت ملڪ جي اهم شخصيتن پاران ڏک جو اظهار ڪيو ويو آهي انهن جو چوڻ هو ته روشن الدين جوڻيجو جون عوامي ۽ پارٽي لاءِ خدمتون ياد رکيون وينديون

بقايا 18

، تفصيلات جي مطابق محرابپور جي علائقي مغل پاڙي ڳڙ منڊي واري گهٽي ۾ چار فٽ وڌيڪ جڳهه تي لڳل پڪوڙن جي ٻني اچڻ وڃڻ لاءِ مصيبت بڻجي وئي هي غير قانوني ٻني رضوان عرف ڪاڪا پڪوڙن واري جي طرفان اسڪول جي ڪاڳرڻ ۽ عام شهرين جي جانين کي شديد خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي گهٽي سوڙهي هئڻ ڪري ڪيڏي مهل به ڪو وڏو حادثو ٿي سگهي ٿو ان ناجائز قبضي ۽ خطرناڪ ٻني جي ڪوريج ڪرڻ تي معروف مقامي صحافي شهزاد مغل کي سنگين ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن جيڪو آزادي صحافت تي حملو ۽ عوامي مفاد جي خلاف سنگين قدم آهي علائقي مقينن ۽ صحافتي حلقن ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي غير قانوني ٻني کي هٽايو وڃي ۽ صحافي شهزاد مغل کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ته جيئن حق سچ چوڻ وارن جي آواز کي دٻائي نه سگهجي.

بقايا 19

تعليم پرائڻ تي مجبور آهن اسڪول ۾ 150 کان مٿي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهن ٿيون اتي جي ڳوٺائن ۾ محمد قاسم ڀچو محمد بصر ڀچو محمد جمن ڀچو محمد رمضان ڀچو گل حسن ڀچو محمد رفيق ڀچو محمد يعقوب ڀچو محمد حنيف ڀچو عبدالغفور ڀچو حسين ڀچو جن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو اسڪول ڪافي دفعا منظور ٿي وري ڪٽجي ويو آهي هر چونڊيل نمائندي جي اسڪول جون دانهون ڏنيون آهن پر ڪنهن به ڪو ٻڌي نه ٿو آهي اسان جا ٻار تعليم خاطر پريشان آهن هيلوڪين برسات سبب اسڪول جي ڇتين پاسن کان پاڻي بيٺو آهي ۽ اسڪول ڪرڻ تي آهي جنهن جي خوف سبب ٻارڙا خوف ۾ ورتل آهن جن اسان وڻن هيٺ ويهاري به تعليم ڏياري رهيا آهيون اسان وس وارن ڊي سي بدين ياسر ڀٽي صاحب ايم پي اي بدين تاج محمد ملاح صاحب ايم اين اي بدين حاجي رسول بخش چانڊيو صاحب کي گذارش ٿا ڪريون ته اسان کي اسڪول مرمت ڪرائي ڏنو وڃي ته جيئن اسان پنهنجي ٻچن جو مستقبل سنواري سگهون.

بقايا 20

مقامي رهواسي ملازمن کي مناسب پگهارون ڏيئي رهي آهي، پر افسوس جو هو ماستر ونڊ انرجي ڪمپني ۾ ڪم ڪن ٿا، جنهن ڪمپني جو انچارج اڃا تائين سنڌ حڪومت جي اعلان جي خلاف ورزي ڪندي 40 هزار بجاءِ اسان مقامي ملازمن کي صرف 27 هزار روپيه ماهوار پگهار ڏي ٿو، جيڪا اسان سان وڏي زيادتي آهي، هن چيو ته بار بار احتجاج ڪرڻ ۽ پنهنجا حق گهرڻ تي ڪمپني جو انچارج اسانکي نه صرف ڌمڪيون ڏئي ٿو پر اسانتي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ نوڪري مان فارغ ڪرڻ جون پڻ ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي، جنهن ڪري اسان سخت پريشان آهيون. هن ڊي سي ٺٽو ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته سندن روزگار بچائي سندن پگهارن ۾ ٻين ڪمپنين جيان اضافو ڪري ماستر ونڊ انرجي ڪمپني جي انچارج خلاف فوري طور ڪاروائي ڪري ڪين وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا 21

ساجد حسين شاهه بخاري، پ پ اڳواڻ سماجي ڪمن ۾ هميشه اڳيرو رهندڙ سيد ڪرم حسين شاهه بخاري ، پ پ تعلقه انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر بخش سينهڙو ۽ پيپلزيوٿ ٽيم تعلقه سامارو جي عهديدارن سيد احسان شاهه بخاري , فداحسين چانڊيو، رامچند شينگلاڻي ۽ مبارڪ باد ڏني وئي، ان موقعي تي سي ايم او سيد ساجد حسين شاهه بخاري پاران آيل پيپلزپارٽي ضلعي عمرڪوٽ جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نندلعل ميگهواڙ کي سنڌ جي روايت موجب آيل مهمان لونگي شال اوڍائي طور پيش ڪئي وئي . جڏهن ته سامارو جي لڳ پيپر موري جي ڳوٺ هرسينگ ۾ ميگهواڙ برادري پاران پيپلزپارٽي ضلعي عمرڪوٽ جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نندلعل ميگهواڙ جي مان ۾ پ پ اڳواڻ منروپ ميگهواڙ ۽ ڪامريڊ ڪرشن ميگهواڙ پاران آجياڻو پيش ڪيو ويو، ان موقعي تي نندلعل ميگهواڙ ڳالهائيندي چيو ته تعلقي سامارو جي پ پ ورڪرن جيالن , دوستن , پاٽرن سميت ميگهواڙ برادري جو شڪر گذار آهيان جنهن مان ڏنو هن وڌيڪ چيو ته پ پ ضلعي قيادت مون تي وڌيڪ اعتماد ڪندي پيپلزيوٿ ضلعي عمرڪوٽ جي انفارميشن سيڪريٽري مان ترقي ماڻي پيپلزپارٽي ضلعي عمرڪوٽ جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري جي ذميواري ڏني وئي مان سموري پ پ قيادت جو پڻ شڪر گذار آهي مان پ پ قيادت جي ڏنل ذميواري کي پنهنجو فرض سمجهي نڀائيندس. ان موقعي تي ميگهواڙ برادري جي ماڻهن پاران سنڌ جي سوکڙي طور سڃاڻپ رکندڙ اجرڪون پڻ اوڍائي طور پيش ڪيون ويون ان موقعي تي ميگهواڙ برادري جي معززين , پ پ ورڪرن جيالن جو وڏو انگ موجود هو

بقايا 22

پنجون اسپيلنگ بي ۽ ڪلاس ڇهين کان ڪلاس ٻارهين تائين ڪوئز ڪامپيٽيشن ٿي گذريو جنهن ۾ 4 ٽيمن حصو ورتو جنهن مان ٻه ٽيمون هڪ وزڊم ورورير ۽ ٻئي ٽيم ماستر مائينڊ ڪاميابي ماڻي اهوڪي ٽيم جي اڳواڻي ۾ ڊاريڪٽر حافظ اقبال ميمڻ استادن ۾ سيد ابراهيم شاهه عبدالحفيظ ولهاري شيما ميمڻ صباح ميمڻ سميت ٻئين استادن پڻ شرڪت ڪئي استادن جو چوڻ هو ته اهڙا پروگرام ڪرڻ سان شاگردن ۾ وڌيڪ ٽيلنٽ پيدا ٿيندو ۽ شاگرد ايڪٽو رهندا ته جيئن اڳتي انهن شاگردن ڪنهن به قسم جي پريشاني ڪونه ٿيندي

بقايا 23

پيو آهي جنهن سبب مشهور درگاهه سيد ملوڪ شاهه مڪمل پاڻيءَ هيٺ اچي وئي آهي ۽ پسگردائيءَ وارن علائقن ۾ آبادگارن جي سوين ايڪڙن تي مشتمل بيٺل سارين، ترن، سبزيون ٻيو فصل درياءَ جي وهڪري ۾ لڙهي تباهه ٿي ويو آهي سنڌو درياءَ ۾ وڌندڙ چاڙهه سبب ڏوڪري تعلقي جي ڪچي وارن علائقن جي ڳوٺن گلاب مٺاڻي، غلام حيدر چنو، آدم ڪلهوڙو، فتح پور، امام بخش جمالي سميت 50 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچڻ جو خطرو وڌي ويو آهي. هوڏانهن ٻوڏ متاثرن اصغرعلي، بخشل، ۽ ٻين جو چوڻ هو ته 2010 واري ٻوڏ کان پوءِ ضلعي انتظاميه ۽ آبپاشي عملدارن بندن جي معياري ڪم ناهي ڪرايو جنهن سبب اسان جا فصل درياءَ ۾ لڙهي ويو آهي. هنن چيو ته پنجاب کان بعد سنڌ ۾ امڪاني ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ ضلعي انتظاميا کي ٻه جوڳا قدم نه کنيا آهن متاثرن جو وڌيڪ چوڻ هو ته هڪڙو ۽ گاجي ديرو بچاءِ بند پڻ ڪمزور آهي آبپاشي کاتي جي عملدارن بندن جو مرمتي ڪم نه ڪرايو آهي نه ئي ڪي خاص اپاءَ ورتا ويا آهن. هوڏانهن اسسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري جو چوڻ هو ته ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي شرجيل نور چنو جي حڪم تي ريونيو کاتي پاران 3 رليف ڪئمپون ڳوٺ بلهڙيجي، گاجيديرو ۽ ويهڙ ۾ قائم ڪري اسٽاف مقرر ڪري ڇڏيو آهي. رليف ڪيمپن ۾ پنجاهه هزار ماڻهن جي رهائش ۽ کاڌي پيت جا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن.

بقايا 24

موجب سچل سرمست ڊگري ڪاليج رانيپور جا شاگرد بهترين انداز سان محنت ڪم پيا جڏهن ته بهترين پروفيسر ڏينهن رات هڪ ڪري پنهنجي پرنسپال جا ٻانهن ٻيلي ٿي تاريخ رقم ڪن پيا سڀ جس لهڻا - سچل سرمست ڊگري ڪاليج رانيپور جا شاگرد محنت ڪري پوزيشنون حاصل ڪن پيا جيڪو پڻ هڪ رڪارڊ آهي اهو سڀ جو ڪريڊيٽ پرنسپال سميت مڪمل ٽيم ڏانهن پيو وڃي.رانديون هجن يا يا ڪو به شعبو هجي هر شعبي ۾ ڪردار ادا ڪن پيا جڏهن ته سڀ شاگرد هر روز اسيمبلي ۾ پهچن ٿا پروفيسر مختيار چنا بشير چنا . اسڪئنو مرڪزي اڳواڻ اختيار حسين وساڻ ۽ ٻين چيو ته پرنسپال جي مقرري بعد ڪافي تبديليون آيون آهن ماحول بهتر ٿيو آهي شاگرد ريگيولر اچن ٿا باقي ڪجھ شاگرد باقائدگيءَ سان ڪاليج نه ٿا اچن. والدين کي گذارش آهي ته پنهنجن ٻارن تي نظر رکو والدين ۽ ٻارن کي سنڀاليندڙ وڏڙن جو عرض ته پنهنجي شاگردن کي ڏسڻ اهي باقاعدگيءَ سان تعليمي ادارن ۾ وڃن ٿا يا نه. گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو، يا مهيني ۾ ضرور هڪ ڀيرو. پاڻ ادارو اندر وڃو اتي استادن. پرنسپال ۽ پنهنجي ٻار سان ملو ڏسو ته پڙهائي ڪهڙي معيار جي ٿي رهي آهي، اوهان جو ٻار ڇا سکي رهيو آهي ۽ استادن ۽ شاگردن جو پاڻ ۾ تعاون ڪهڙو آهي. هي سڀ ڏسڻ ۽ انهن تي نظر رکڻ اوهان جو سماجي حق به آهي ۽ والدين جي ذميواري ۽ پنهنجي ٻارن کي ڪڏهن ۽ اڪيلو نه ڇڏيو سچ اهو آهي ته نجي ڪاليجن کي اسان جي ڪاليج جي شاگرد هر شعبي ۾ مات ڏني آهي ڪو تسليم ڪري يا نه ڪري اها ان جي مرضيءَ آهي. جڏهن چونڊيل ايم اين اي - ايم پي اي شهري سماجي تنظيمن قلمڪارن کي ڪاليج جو وزٽ ڪرڻ لاءِ خاص دعوت ڏني آهي.

بقايا 25

aڪوٽ ڪشمور کان ڪيو - جنهن ۾ لکين امن پسند، سماج سڌارڪ ڪارڪنن. انساني حقن جي تنظيمن ۽ جي يو آءِ جا هزارين ڪارڪن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ڪنڌڪوٽ ڪشمور کان شروع ٿيندڙ ريلي تي جتي ڪئي شاندار گلن جي ورکا ڪئي ويئي. آتي ئي امن زنده باد جا نعرا گونجي اٿيا. شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته سنڌ ڌرتي سدائين محبت، سهپ ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏيندي آئي آهي. تنهنڪري نفرت، تشدد ۽ زيادتين جي دور کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻو پوندو. امن مارچ ۾ شامل ڪارڪنن جو اهو به چوڻ هو ته هي تاريخي ريلي هڪ نئين تاريخ رقم ڪندي. جنهن جو مقصد نسلن لاءِ پرامن، محفوظ ۽ خوشحال سنڌ ناهڻ آهي. جي يو آءِ واحد بخش بروهي استاد نور محمد ميمڻ.لال محمد عباسي علي بخش بروهي ايڊووڪيٽ نويد احمد صديقي ٻين ريلي کي ريلي تي پهچي پرتاپ پليڪار ڪيو مٿان گل پاشي پڻ ٿي جڏهن ته جي يو آءِ سماجي اڳواڻن جو زور هو ته سماج ۾ انصاف، برابري ۽ انساني حقن جي پاسداري بنا امن ممڪن ناهي. ريلي ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت سان سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ انساني حقن واري تاريخ ۾ نئون باب کولجي ويو. جنهن کي عوام پاران وڏي پيماني تي ساراهيو ويو هن پروگرام ريلي ذريعي پيغام جتي ڪٿي پهچندو. عوام اصل طاقت آهي عوام امن چاهي ٿو ملڪي صورت حال تي پڻ اسان جي گهري نظر آهي هن ريلي بعد اڳيئن قدم پڻ اهم هوندو. عوام سڀ سمجهي ٿو ته ڪير ڪوڙ ڪو ڪري. عوام کي سجاڳ ٿيڻو پوندو.

بقايا 26

الله هاءِ اسڪول کان هزارين ملازمن پاران ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو . ڌرڻي کي سنڌ ايمپلائيز الائنس جو مرڪزي چيئرمين محمد اشرف خاصخيلي سميت ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ٻين صوبن جي ڀيٽ اسان سنڌ جي ملازمن کي پنهنجا جائز حق ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ويتر اسان پينشن ۾ ڪٽوتي گروپ انشورنس ڏيڻ کان بي انڪاري ڪري ڇڏيو آهي سنڌ گورنمنٽ اسان جائز مطالبا حل ڪيا نه. اسان جي تحريڪ کي اڃان تيز ڪئي ويندي جيستائين اسان جا مطالبا حل نه ڪيا ويندا اڳواڻ ڌرڻي ۾ اعلان ڪندي چيو ته سيائي 16 تاريخ تي اسان جو احتجاج حيدرآباد ۾ هوندو جيڪو شهباز بلڊنگ کان شروع ٿيندو پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيون ويندو ٻئي ڏينهن 17 تاريخ تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيون ويندو.

بقايا 27

ڪئي، سندس تڏو ڪينجهر ونڊ ڪناري ڪنيو مياڻ جي ڳوٺ عبدالله گندرو ۾ وڇايو ويو آهي. جتي محمد صديق گندرو ۽ ٻين سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي. تڏي تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، علي حسن پارهيڙي، محمد ايوب ملاح، احمد پالاري، صحافي عبدالحميد پالاري، ڪامريڊ گل حسن گندرو، عبدالحڪيم گندرو، مقبول احمد خاصخيلي، سيد حسن شاهه، وڏيرو حسين عرف منو گندرو ۽ ٻين پهچي محمد صديق گندرو، امام بخش گندرو ۽ ٻين سان تعزيت ڪري ڏک ونڊي مرحوم جي مغفرت لاءِ خصوصي دعائون گهريون. جيڪو سلسلو جاري آهي.

بقايا 28

جي بجاءِ وقت سر حفاظتي ٽڪا ۽ علاج نه ٿيڻ ڪري غير محفوظ ٿي هزارن جي تعداد ۾ هر سال مرڻ لڳو آهي. واسطيدار کاتي اک نه پٽي لکين رپين جي خريد ڪيل لمپي ويڪسين لوڪل خريد ڪري لکين ڍور ماري ڇڏيا آهن ۽ روز بروز پوري سنڌ ۾ ٻن پيا ڪوبه ويڪسين اثر نٿي ڪري جنهن ڪري ڍڳيون لمپي جي وڌڻ ڪري مري رهيون آهن هن وقت به ٿر سميت سنڌ جي سمورن وٽرنري اسپتالن ۾ ڪميشن خوري عيوض پهتل لوڪل لمپي ويڪسين موجود آهي پر هو اثر نٿي ڪري جنهن ڪري نه رڳو ملازمن ڊاڪٽرن فيلڊ ورڪرن ۽ اسٽاڪ اسسٽنٽن جون به ڏنل فيلڊ خدمتن رائيگان وڃي رهيون آهن. ٿر ۾ وڏي مال شماري رکندڙ هن ضلعي جا 300 وٽرنري سينٽر ۽ اسپتالون صرف 42 ڊاڪٽرن ۽ 45 اسٽاڪ اسسٽنٽن حوالي هڪ هڪ اسٽاڪ اسسٽنٽ وٽ 3 کان 4 سينٽرن جون چارجون آهن جيڪو وقت سر پري پري سينٽرن هئڻ ڪري پهچي نٿا سگهن 300 سينٽرن مان 240 بند ۽ صرف 60 ئي سينٽر هلن ٿا انهي ڏي ضلعي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اڄڻ ڪمار تصديق ڪندي تفصيل ٻڌائيندي چيو ته اسان وٽ مٺي تعلقي جي 40 سينٽرن ۽ اسپتالن ۾ 18 ڊاڪٽر 12 ايس اي آهن جيڪو تمام گهٽ اهن 28 ايس اي اڃا گهربل آهن اهڙي طرح تعلقي ڏيپلو جي 35 سينٽرن ۽ اسپتالن لاءِ 2 ڊاڪٽر هڪ ايس اي آهي. تعلقي ڇاڇرو جي 65 اسپتالن ۽ وٽرنري سينٽرن لاءِ 9 ڊاڪٽر 11 ايس اي آهن تعلقي ننگرپارڪر جي 45 سينٽرن 3 ڊاڪٽر 8 ايس آهن. تعلقي ڪلوئي جي 35 سينٽرن لاءِ 4 ڊاڪٽر 3 ايس آي آهن تعلقي ڏاهلي جي 22 سينٽرن لاءِ 2 ڊاڪٽر ۽ 2 ايس اي آهن. جڏهن ته اسلام ڪوٽ تعلقي جي 50 وٽرنري سينٽرن لاءِ 4 ڊاڪٽر 8 ايس اي آهن جيڪو تمام گهٽ اهن اسان وٽ اسٽاف جي کوٽ سبب مسئلا آهن ايس اينيون نه ٿيڻ ڪري ٻيو اسٽاف جي به کوٽ آهي 330 بلڊنگون ٺهيل آهن پر اهو به پرچي نه سگهيون آهن.

بقايا 29

محمد حسن شاهه ويلفيئر فائونڊيشن جي پليٽفارم تان، ۽ نارميڪا انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان، چيل بند ۽ ويجهن علائقن جي ماڻهن لاءِ پنجن مهينن جو مفت ميڊيڪل ڪيمپ جو شاندار بندوبست ڪيو ويو آهي ڪيمپ جو مقصد: هي ڪيمپ صرف علاج تائين محدود ناهي، پر ان جو مقصد صحت جي اهميت، صفائي بابت شعور، ۽ بيمارين کان بچاءَ جو پيغام عام ڪرڻ به آهي ڪيمپ ۾ دستياب سهولتون: خاتون جنرل فزيشن: سومر کان جمعي تائين روزانو موجود هونديون سرجن ڊاڪٽر: هر خميس ۽ جمعي تي موجود هوندا جديد ليبارٽري ٽيسٽس (خون، پيشاب وغيره) ايڪسري ۽ الٽراسائونڊ صحت ۽ صفائي بابت آگاهي سيشن سمورن مريضن لاءِ مفت دوائيون روزانو مريضن جو تعداد: روزانو صرف 40 مريضن جو تفصيلي معائنو ڪيو ويندو ته جيئن هر مريض کي پورو وقت ۽ بهترين ڌيان ملي سگهي. (40 کان وڌيڪ مريضن جو چيڪ اپ ممڪن نه ٿيندو) او پي ڊي جا وقت: سومر کان جمعي تائين، صبح 9 وڳي کان شام 5 وڳي تائين عوام کي گذارش: اپائنٽمينٽ وقت شناختي ڪارڊ نمبر ۽ موبائل نمبر ڏيڻ لازمي آهي مهرباني ڪري وقت تي پهچو ۽ اڳواٽ رجسٽريشن ڪرائي فائدو حاصل ڪريو رابطو ۽ رجسٽريشن لاءِ: آصف علي ساند – سيد ميان حاجي محمد حسن شاهه ويلفيئر فائونڊيشن

بقايا 30

گندگي ۽ پاڻي جي صورتحال جو جائزو ورتو، پر فوري طور تي عملي قدمن جو آغاز نه ڪرايو معائني دوران اهو معلوم ٿيو ته ڳوٺ جون گليون سوڙهيون ۽ مين رستن کان هيٺ هجڻ سبب برساتي پاڻي نڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون هيون. جنهن ڪري ڳوٺاڻا سخت پريشان هئا. هن صورتحال کي نظر ۾ رکندي چيئرمين پرويز علي پٽي جي هدايت تي مٽي جا ڊمپر گهرائي گلين ۾ پرو وڇايو ويو. جنهن سان ڳوٺ ۾ بيٺل پاڻي جي نيڪاسي جو مسئلو وڏي حد تائين حل ٿي ويو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيئرمين پرويز علي پٽي چيو ته سندس پهرين ترجيح عوامي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، هر وارڊ ۾ ڪائونسلرن سان گڏجي اسڪيمون شروع ڪيون وينديون، جن ذريعي صفائي، پيئڻ جي پاڻي، نيڪالي ۽ رستن جا ڪم مڪمل ڪرايا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته ٽائون ڪاميٽي آفيس تائين محدود نه رهندي پر عوام جي در تائين وڃي مسئلا حل ڪيا ويندا. ڳوٺاڻن چيئرمين ۽ ساٿين جي اچڻ ۽ عملي قدم کڻڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته گهڻو وقت کان پوءِ ڪو عوامي نمائندو پاڻ اچي سندن ڳوٺ ۾ مسئلن جو جائزو وٺي انهن جي حل لاءِ قدم کنيو آهي.

بقايا 31

شخصيت ۽ پيپلزپارٽيءَ جي سينيئر اڳواڻ غلام شبير نوحاڻي سيد حسين علي شاهه جيلانيءَ کي سنڌ جي ثقافت جو اظهار ڪندي بوسڪيءَ جو پٽڪو پارايو. جڏهن ته پريالوءَ جي ڪائونسلر سيد اشفاق علي شاهه مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪري سندن آجيان ڪئي. سيد اشفاق علي شاهه ڳالهائيندي چيو ته اسان پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن آهيون ۽ اسان جي پارٽي جو مقصد غريب عوام جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ عوام کي پنهنجو حق پهچائڻ آهي . عوام جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ اسان پنهنجي جان جي ب پرواه نه ڪندا آهيون ان واٽ تي هلڻ لاءِ اسان پنهنجي جان جو نظرانو به پيش ڪرڻ کان ن ڪيٻائيندا سين. ان موقعي تي ڳالهائيندي سيد حسين علي شاهه جيلاني چيو ته. "اسان سڀ پيپلزپارٽيءَ جا نظرياتي ڪارڪن آهيون. اسان پارٽي جي حڪم ۽ اصولن جي پيروي ڪندي عوام جي خدمت کي پنهنجي زندگيءَ جي آخري ساهه تائين جاري رکنداسين." هن وڌيڪ چيو ته. "پارٽي ڪارڪن ئي اصل ۾ پارٽيءَ جو سرمايو آهن. جيڪي هر وقت عوام جي مسئلن لاءِ اڳيرو رهن ٿا." سيد حسين علي شاهه، آيل مهمانن ۽ خاص طور تي سيد اشفاق علي شاهه ۽ جناب غلام شبير نوحاڻيءَ جي خدمتن جي واکاڻ ڪندي چيو ته. سيد اشفاق علي شاهه ۽ غلام شبير نوحاڻي جهڙا بااصول ۽ وفادار ساٿي پارٽيءَ جي اصل سڃاڻپ آهن. جيڪي هر دور ۾ پارٽيءَ جي حمايت ۽ واڌاري لاءِ سرگرم رهيا آهن." گڏجاڻي ۾ مقامي سطح تي سياسي سجاڳي، تنظيمي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ ۽ مستقبل جي رٿابندي بابت به اهم ڳالهيون ڪيون ويون.

بقايا 32

۾ منعقد ڪيو ويو انهي پرگرام ۾ ڪاليج جي استادن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، تعزيتي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي بوائز ڪاليج مٺي جي پرنسپال پروفيسر پواني شنڪر سوٽي چيو ته حاجي محمد دل معاشري کي اڏيندڙ، تاريخ ساز ڪردار هو جو علم ادب جي حوالي سان ڪئيل ڪم تاريخ جو حصو آهي، ٻهن هڪ ڪميٽيڊ استاد جي حيثيت سان، ٿر ۾ شعور جو جيڪو ڏيئو ٻاريو آهي اهو ڪڏهن اجهامي نٿو سگهي، حاجي محمد جي شخصيت ۽ ڪئيل ڪم تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي ،حاجي محمد دل جي فرزند پروفيسر مشتاق احمد دل چيو ته بابا سائين زنده دل ماڻهو ۽ گهڻ پاسائي شخصيت هو .هن جي تربيت اسان لاءِ راهه مشعل هئي .هن مٺي شهر جي ٻارن کي پنهنجا ٻچا سمجهي تعليم ڏني. منهنجي بابا پنهنجي دور ۾ سماجي ڪمن کي فروغ ڏيڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو ليکڪ دولت رام ڪنتري چيو ته حاجي محمد دل محبتن جو سفير تاريخ جو ٻي چين روح ۽ پنهنجي ذات ۾ هڪ وڏو ادارو هو هن جي لاڏائي کان پوءِ مٺي شهر جي رواداري جي حقيقي رنگ منج موڪلائي ويو آهي. هن چيو ته مٺي هاءِ اسڪول جو نالو سائين حاجي محمد دل جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي. نوجوان ليکڪ ناشاد رضوان هنگورجو چيو ته حاجي محمد دل ٿر جي ثقافت ،لوڪ ڏاهپ ۽ رواداري جو امين هو. ليکڪ ۽ شاعر عبدالستار وسنداڻي چيو ته حاجي محمد دل جي نظريي ۾ مٺي شهر پهرين ترجيح هو انهي ڪري هو مٺي جي سڃاڻپ هو ۽ هن جن نياڻين جي تعليم لاءِ پاڻ پتوڙيو. پروفيسر رويش ڳوماڻي چيو ته حاجي محمد جهڙا ڪردار اسان جا اصل هيروز آهن اهڙا ڪردار تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن جنم وٺندا آهن. تقريب کي پروفيسر ڪپيل ديو، نظير ساهڙ ۽ ٻين استادن پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو انهي موقعي تي ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪري، روح ايصال لاءِ دعا گهري وئي

بقايا 33

ڪلب ٽنڊو باگو تي هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جتي ضلعي جي سوشل ورڪر اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب جي صدارت سوشل ورڪر اتحاد جي ضلعي صدر غلام حيدر بڪاري ڪئي، جڏهن ته ضلعي جنرل سيڪريٽري مولوي عبدالواجد سمون، اطلاعت سيڪريٽري فرحان علي عباسي، خزانچي علڻ ملاح ۽ سينيئر اڳواڻ سرواڻ ايم سومار ملاح پڻ موجود هئا. ان موقعي تي تعلقي ٽنڊو باگو جي نئين چونڊيل باڊي جو اعلان ڪيو ويو، جنهن مطابق: صدر: مبارڪ اياز هاليپوٽو نائب صدر: عزيز بليدي جنرل سيڪريٽري: نور احمد بڪاري ميڊيا سيل صدر: سرفراز بڪاري اطلات سيڪريٽري: سرفراز رستماڻي خزانچي :محمد جمن منگواڻو تعلقي باڊي جي حمايتي دوستن سليم رضا ميمڻ سڪندر پنهور کان علاوا صحافي دوستن محمد يوسف ملاح اسحاق ميمڻ عبدالرحمان سمون محمد ملاح يعقوب ڪلوئي شهزاد ميمڻ ۽ شاهجان سمون صاحب شرڪت ڪئي ضلعي قيادت پاران نئين باڊي کي مبارڪباد ڏني وئي ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته تعلقي ٽنڊو باگو جي نئين ٽيم سماجي خدمت، عوامي ڀلائي ۽ نوجوانن جي ڀرپور نمائندگي ڪندي سوشل ورڪر اتحاد جي اڳواڻن چيو ته هو متحد ۽ منظم ٿي عوامي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد جاري رکندا. ۽ هر تعلقي ۾ فعال ۽ نمائنده باڊي جوڙڻ جو عمل جاري رهندو

بقايا 34

اسڪول ۾ هن وقت لڳ ڀڳ 70 کان 80 شاگرد ۽ شاگرديائين تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته سينئر ۽ تجربيڪار استاد پڻ موجود آهن. پر ٽٽل ڇت ۽ ڀڳل دريون، دروازن ۽ پٽين جي حالت سبب ٻارڙا روزانو خوف واري ماحول ۾ پڙهائي ڪرڻ تي مجبور آهن. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته اسڪول جي زبون حالي بابت ڪيترائي ڀيرا سوشل ميڊيا، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي خبرون هلايون ويون، پر افسوس جو اڄا تائين سنڌ سرڪار ۽ سياسي يا چونڊيل نمائندي هن طرف ڌيان ڏيڻ مناسب نه سمجهيو، اسان جي ٻارڙا خطري ۾ آهن. ڪنهن به وقت ڇت ڪري ته وڏي جاني نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي. گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٺاريواري صرف ڳوٺ ٺاريواري تائين محدود نه آهي. پر يونين ڪائونسل بيت ميهار ۽ پرياسي جي ڳوٺائن شاگردن لاءِ پڻ واحد تعليمي سهولت آهي. جتي ڪيترائي ٻارڙا پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. اهڙي حالت ۾ اسڪول جي عمارت جي تباهي مستقبل جي نسلن لاءِ وڏو خطرو بڻيل آهي. مقامي استادن ۽ شاگردن طرفان به سخت خدشن جو اظهار ڪيو ويو آهي. انهن جو چوڻ آهي ته تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا عمارت ئي محفوظ نه هجي، اتي شاگردن جي ذهني آبياري ڪيئن يقيني بڻائي سگهجي ٿي. مقامي والدين ۽ استادن سيڪريٽري تعليم سنڌ، صوبائي وزير تعليم ۽ ضلعي جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته هن اسڪول جي زبون حال عمارت جو فوري نوٽيس وٺي ان جي مرمت يا نئين عمارت جو ڪم جلد شروع ڪيو وڃي. جيئن شاگردن کي محفوظ ۽ سنو تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي.

بقايا 35

ثبوت پيش ڪندي چيو ته ذوالقرنين عرف ڪرنل پليجو جيڪو پنهنجو پاڻ کي رينيو جي آفيسن ۾ (ڪرنل) سڏائيندو آهي ۽ رينيو کاتي جي راشي عملي سان ملي ڪري ضلعي ٺٽي جي مختلف ديهن ۾ ٻه هزار ايڪڙ سرڪاري زمينون مختلف ماڻهن جي نالن تي جعلي کاتا رکرائي وڪرو ڪندو رهيو آهي ان کان علاوه غريب ماڻهن جي نالن تي رکيل موروثي سروي کاتا ڦيرائي پنهنجن فرادين جي ٽولي جي مختيار پليجو، احمد پليجو، گلزار پليجو، ممتاز جي نالن تي داخلاتون رکرائي وڪرو ڪندو رهيو آهي. سپريم ڪورٽ جي پاران ٽرانسفر، ليز، وڪرو ڪرڻ تي بندش هئڻ جي باوجود رينيو ڊپارٽمينٽ جي ملي ڀڳت سان مقامي ڦر ليند مافيا جي ذريعي پراڻين تاريخن ۾ جعلي داخلاتن ذريعي 20 ارب رپين کان وڌيڪ جي قيمتي ۾ هزار ايڪڙن کان وڌيڪ جون زمينون پگهڙن مٽ تي وڪرو ڪري ڇڏيون آهن. مذڪور شخص ذوالقرنين ڪرنل پليجو اصل ۾ ميونسپل ڪميٽي ٺٽي ۾ ماليءَ جي پوسٽ ٻئي گريڊ ملازم آهي پيو جنهن جا بئنڪن جا اڪائونٽ ڪمپنين جي نالي تي استعمال ٿين پيا ليند مافيا جي ٽولي سياسي پوتارن ۽ انهن جي ڪمدارن جي آشيرواد سان رينيو کاتي جي ملي ڀڳت ذريعي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جي ڏيتي ليتيءَ ذريعي پراڻين تاريخن ۾ کاتا رکرائي غير مقامي ڪمپنين، بلڊرن، سرمائيدارن کي ديهه هاليجي، ديهه جنگشاهي ، ديهه هالاٽ ، ديهه گجو، ديه ڪوهستان ست پاڳي چار، ديه ڪوهستان ست پاڳي ٽي ۽ ٻين ديهن ۾ وڪرو ڪري ڏنيون ويون آهن مقامي حقدارن غريبن جا موروثي کاتا رشوت عيوض رينيو ڊپارٽمينٽ جي ملي ڀڳت سان ڦيرائي وڪرو ڪرڻ جا انڪشاف ٿيا آهن جن جا شاهديون موجود آهن. ان کان علاوه رينيو عملي جي ملي ڀڳت سان سابق ڊپٽي ڪمشنر جي صحيح سان جديشل آرڊرن ذريعي سرڪاري زمينن جون ڪوڙيون داخلاتون رکي کاتا اسڪيننگ ڪرائي وڪرو ڪيا ويا آهن جيڪڏهن شفاف جاچ ڪرائي ته وڌيڪ ڪرپشن ظاهر ٿيندي. ۾ غير مقامي ماڻهن کي واهي چاهي شرطن تي ست اٺ سئو ايڪڙ زمين ديه هالاٽ تپو هاليجي ۾ الاٽ ٿيل هئي. جنهن تي مقامي ماڻهن اپيلون ڪيون جنهن کان پوءِ زمين سال 1999 ع ۾ ڪئنسل ٿي ان کان پوءِ سرڪار کلي ڪچهري ۾ رينيو بورڊ جي منظوري سان مقامي هارين کي الاٽ ڪرڻ لاءِ شيڊيول شايع ڪيو جيڪو سال 2000 ع ۾ ڪچهري رکي وئي هئي جنهن ۾ ڪجھ زمين حقدارن کي ملي ڪجھ زمين تي اعتراض داخل ٿيل آهن. ان تي EDO رينيو نه صاحب جن بالا حڪام جي احڪامن تي پوري ڪچهري 2006 ۾ ڪئنسل ڪئي هئي. جنهن جا ڪيس ايڊيشنل ڪمشنر حيدرآباد وٽ پڻ هلندڙ آهن جنهن جا حاضر ٿيڻ جا نوٽيس موجوده مختيارڪار صاحب پڻ جاري ڪندڙ پيو اچي ۽ ساڳين سروي نمبرن جي جعلي داخلاتون رکي سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪري غير مقامي ماڻهن کي ڪروڙين رپين ۾ وڪرو ڪري ڏنيون ويون آهن جن جا پروف پيش ڪجن ٿا. اڃان جيڪڏهن جاچ ڪرائبي ته ٻين ديهن ۾ اهڙيون جعلي داخلاتون ملنديون. شفاف انڪوائري نيب هتان ڪرائي وڃي ته جيئن انهن ڪرپٽ آفيسرن سان گڏ فرادين جي ٽولي کي به پڪڙ ۾ آندو وڃي ۽ جنهن جي والد (عبدالله خان) شروعات ٿي ۽ نمبر ڪمن کان ڪئي جنهن رينيو عملي جي راشي ٽولي سان ساز باز ڪري گورنمينٽ جي پاليسي کان هٽي ڪري ديه هالاٽ ۾ پنهنجي فيملي جي صغير (معصوم) ٻارن جي نالي تي گجھ گوهه ۾ غير قانوني طور تي 1993 ۾ زمينون الاٽ ڪرايون ان سان گڏوگڏ پنهنجي نالي تي گورنمينٽ جي پاليسي حدن کان وڌيڪ هڪڙي ئي ڏينهن تي عليحده عليحده گرانٽون انگن جي ڦيرڦار ذريعي قانون کي انڌيري ۾ رکي ڪري ڪرايون جيڪي بعد ۾ فيملي جي ٻين فردن جي نالي تي تبديل ڪيون ويون آهن. جنهن لاءِ اسين سنڌ گورنمينٽ جي اعلي اختيارن ايجنسين ۽ ذميدارن کي گذارش ٿا ڪريون ته هڪ شفاف انڪوائري NAB يا FIA ذريعي ڪرائي غير قانوني طور تي وڪرو ڪيل سرڪاري زمينن جا جعلي داخلاتون ڪئنسل ڪيا وڃن ۽ فراڊ ۾ ملوث رينيو عملي سميت خانگي فرادين جي ٽولي کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي ۽ اربين رپين وصول ڪري سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايا وڃن.

بقايا 36

محمد حسن شاهه ويلفيئر فائونڊيشن جي پليٽفارم تان، ۽ نارميڪا انٽرنيشنل پاڪستان جي تعاون سان، چيل بند ۽ ويجهن علائقن جي ماڻهن لاءِ پنجن مهينن جو مفت ميڊيڪل ڪيمپ جو شاندار بندوبست ڪيو ويو آهي ڪيمپ جو مقصد: هي ڪيمپ صرف علاج تائين محدود ناهي، پر ان جو مقصد صحت جي اهميت، صفائي بابت شعور، ۽ بيمارين کان بچاءَ جو پيغام عام ڪرڻ به آهي ڪيمپ ۾ دستياب سهولتون: خاتون جنرل فزيشن: سومر کان جمعي تائين روزانو موجود هونديون سرجن ڊاڪٽر: هر خميس ۽ جمعي تي موجود هوندا جديد ليبارٽري ٽيسٽس (خون، پيشاب وغيره) ايڪسري ۽ الٽراسائونڊ صحت ۽ صفائي بابت آگاهي سيشن سمورن مريضن لاءِ مفت دوائيون روزانو مريضن جو تعداد: روزانو صرف 40 مريضن جو تفصيلي معائنو ڪيو ويندو ته جيئن هر مريض کي پورو وقت ۽ بهترين ڌيان ملي سگهي. (40 کان وڌيڪ مريضن جو چيڪ اپ ممڪن نه ٿيندو) او پي ڊي جا وقت: سومر کان جمعي تائين، صبح 9 وڳي کان شام 5 وڳي تائين عوام کي گذارش: اپائنٽمينٽ وقت شناختي ڪارڊ نمبر ۽ موبائل نمبر ڏيڻ لازمي آهي مهرباني ڪري وقت تي پهچو ۽ اڳواٽ رجسٽريشن ڪرائي فائدو حاصل ڪريو رابطو ۽ رجسٽريشن لاءِ: آصف علي ساند – سيد ميان حاجي محمد حسن شاهه ويلفيئر فائونڊيشن

بقايا 37

موجب سچل سرمست ڊگري ڪاليج رانيپور جا شاگرد بهترين انداز سان محنت ڪم پيا جڏهن ته بهترين پروفيسر ڏينهن رات هڪ ڪري پنهنجي پرنسپال جا ٻانهن ٻيلي ٿي تاريخ رقم ڪن پيا سڀ جس لهڻا - سچل سرمست ڊگري ڪاليج رانيپور جا شاگرد محنت ڪري پوزيشنون حاصل ڪن پيا جيڪو پڻ هڪ رڪارڊ آهي اهو سڀ جو ڪريڊيٽ پرنسپال سميت مڪمل ٽيم ڏانهن پيو وڃي.رانديون هجن يا يا ڪو به شعبو هجي هر شعبي ۾ ڪردار ادا ڪن پيا جڏهن ته سڀ شاگرد هر روز اسيمبلي ۾ پهچن ٿا پروفيسر مختيار چنا بشير چنا . اسڪئنو مرڪزي اڳواڻ اختيار حسين وساڻ ۽ ٻين چيو ته پرنسپال جي مقرري بعد ڪافي تبديليون آيون آهن

جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
www.awamisoach.com
حاجي محمد حنيف ميمڻ

نمائندا گهرجن

سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..
رابطي لاءِ: 03072308754

شهدادڪوٽ ۾ استادن جي تازي پروموشن ڊي پي سي تي سنگين الزام، پنهنجا نوازي جو الزام

سياسي سفارش جي بنياد تي پروموشن ڏنا ويا، جعلي آئي ڊيون "بوگس پروموشن" ۾ شامل آهن

سينيارٽي جا اصول لتاڙيا ويا ۽ عملدار مبينا طور ڳري رشوت وٺي مخصوص استادن کي فائدو پهچايو

ڪاتي جي ڪرپشن کي وائکو ڪرڻ جڻ "جرم" بڻجي ويو آهي ۽ ڪين پنهنجا حق گهرڻ تي سزا ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ضلع قمبر شهدادڪوٽ ۾ استادن جي تازي پروموشن ڊي پي سي تي سنگين الزام سامهون آيا آهن. شهدادڪوٽ تعلقي جي سينيئر ليڊي استاديائين الزام هڻندي چيو آهي ته ڪين چاڻي واڻي نظرانداز ڪيو ويو، جڏهن ته صرف واره ۽ قمبر جي ليڊي استادن کي مبينا رشوت ۽ سياسي سفارش جي بنياد تي پروموشن ڏنا ويا. جن ۾ جعلي آئي ڊيون "بوگس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

احمدپور جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ انعامن ورهائڻ واري تقريب شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا ويا

خيرپور ضلعي جا سيئي بند پيل اسڪول ڪولرائي انهن ۾ استاد مقرر ڪيا ويا آهن: اياز حسين مهيسر

ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ استادن کي ايوارڊ ڏيڻ سان همت افزائي ٿيندي ۽ جذبي پنهنجون ذميواريون نڀائيندا

گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول احمدپور ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٽيچرز کي ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب ٿي

احمدپور (سرفراز علي ميتلو) احمدپور جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ انعامن ورهائڻ واري تقريب ڊي اي او پرائمري خيرپور پاران بيسٽ ٽيچرز ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا خيرپور ضلعي جا سيئي بند پيل اسڪول ڪولرائي انهن ۾ استاد مقرر ڪيا ويا آهن بوڏ متاثر اسڪولن جي شاگردن کي پرواري اسڪولن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي والدين پنهنجي ٻارن کي پرواري اسڪول ۾ موڪلين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

احمدپور جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ انعامن ورهائڻ واري تقريب شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا ويا آهن

سکر شمس آباد واسي پاران گند ڪچري ۽ حدخلين جي آزار خلاف داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي

سکر (رپورٽر) سکر شمس آباد واسي نادر شبير دايو طرفان رهائشي آبادين ۾ گند ڪچري ۽ حدخلين جي آزار خلاف سکر جي ڪنزيومر ڪورٽ ۾ داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي ٿي، ڪورٽ سڳوري ڊي سي سکر، ميئر سکر، ڊائريڪٽر سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ سکر، ٽائون چيئرمين مڪي شاهه. ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سيراڻي جي ساحلي پٽي جي يونين ڪائونسل پڳڙاميمڻ جي ڳوٺ پير عالم شاهه جو اسڪول مڪمل تباهه

بوائز پرائمري اسڪول سالن کان زبون حالت ۾ پيل هيلوڪين برساتن سبب مڪمل تباهه ٿي چڪو آهي

ڳوٺاڻن ۾ محمد قاسم ٻچو محمد بصر ٻچو محمد جمن ٻچو محمد رمضان ٻچو گل حسن ٻچو مظاهرو ڪيو

اسان کي اسڪول مرمت ڪرائي ڏنو وڃي ته جيئن اسان پنهنجي ٻچن جو مستقبل سنواري سگهون: مظاهرين

بدين (رجب راهمون) بدين سيراڻي جي ساحلي پٽي جي يونين ڪائونسل پڳڙاميمڻ جي ڳوٺ پير عالم شاهه جو گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سالن کان زبون حالت ۾ پيل هيلوڪين برساتن سبب مڪمل تباهه ٿي چڪو آهي ٻار وٽڻ هيٺ ويهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين: سيراڻي پرسان اسڪول جي تباهه حالي خلاف احتجاج جو ڏيک

جهمپير لڳ ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٽيل ماستر ونڊ انرجي ڪمپني ۾ مقامي ملازمن جو احتجاج

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جهمپير لڳ ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٽيل ماستر ونڊ انرجي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي مقامي ملازمن دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته جهمپير جي ڪوهستاني پٽي واري علائقي ۾ 32 کان وڌيڪ ونڊ انرجي ڪمپنيون لڳيون آهن. جيڪي سنڌ حڪومت پاران طئي ڪيل قانون ٽوڙي اعلان موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڏوڪري پرسان سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جو دٻاءُ وڌو ويو، زميندار بند ٽٽي پيو، فصل پاڻي هيٺ اچي ويو

سنڌو درياءَ ۾ پاڻيءَ جو دٻاءُ وڌي ويو آهي پاڻيءَ جي تيزوهڪري سبب زميندار بند ٽٽي پيو آهي

آدم ڪلهوڙو، فتح پور، امام بخش جمالي سميت 50 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچڻ جو خطرو وڌي ويو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جو دٻاءُ وڌو ويو، زميندار بند ٽٽي پيو، درگاهه سيد ملوڪ شاهه سميت سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو. علائقي واسين پاران بند ٽٽڻ جو ذميوار ضلع انتظاميه کي قرار ڏئي ڇڏيو. خبر موجب ڏوڪري پرسان ڳوٺ بلهڙيجي وٽان سنڌو درياءَ ۾ پاڻيءَ جو دٻاءُ وڌي ويو آهي پاڻيءَ جي تيزوهڪري سبب زميندار بند ٽٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سنڌ امن پائيچارو مارچ. لکين امن پسندن جي شرڪت، ڪنڊڪوٽ ڪشمور کان ريلي جي آجيان

امن زنده باد جا نعرا هي قوم توهان مٿان ناز ڪري ٿي. اسين امن محبت چاهيون ٿا. مولانا راشد محمد سومرو

سماج سڌارڪ ڪارڪن، انساني حقن جي تنظيمن ۽ جي يو آءِ جا هزارين ڪارڪن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ريلي ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت سان سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ انساني حقن واري تاريخ ۾ نئون باب کولجي ويو

راڻيپور (رپورٽر منرجونجو) سنڌ امن پائيچارو مارچ - لکين امن پسندن جي شرڪت، ڪنڊڪوٽ ڪشمور کان ريلي مٿان گل پاشي. امن زنده باد جا نعرا. هي قوم توهان مٿان ناز ڪري ٿي. اسين امن محبت چاهيون ٿا - مولانا راشد محمد سومرو. رپورٽ موجب سنڌ ۾ امن محبت پيار پائيچارو چاهيون ٿا انساني حقن جي بحالي لاءِ تاريخي امن پائيچارو مارچ شاندار ريلي ڪنڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ميرپورخاص ۾ مرڪزي چيئرمين پاران احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

تالا بندي ڪري شاهه ولي الله هاءِ اسڪول کان ملازمن پاران ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو

سنڌ حڪومت ٻين صوبن جي پيٽ اسان سنڌ جي ملازمن کي پنهنجا جائز حق ڏيڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

احتجاج حيدرآباد ۾ هوندو جيڪو شهباز بلڊنگ کان شروع ٿيندو پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيون ويندو

ميرپورخاص (سومار سميجو) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ميرپورخاص ۾ مرڪزي چيئرمين محمد اشرف خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ ميرپورخاص ڊويزن جي تمام سرڪاري ادارن جي تالا بندي ڪري شاهه ولي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ميرپورخاص ۾ مرڪزي چيئرمين پاران احتجاجي مظاهري جو ڏيک

ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڪنيو مياڻ جي ڳوٺ عبدالله گندرو جي رهواسي محمد صديق گندرو جو پاءُ لاڏاڻو ڪري ويو

ٺٽو (واحدشورو) ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڪنيو مياڻ جي ڳوٺ عبدالله گندرو جي رهواسي وڏي منشي محمد صديق گندرو جو وڏو پاءُ محمد عرس گندرو ڳوٺ عبدالله گندرو ۾ وفات ڪري ويو آهي. جنهن کي ڳوٺ پرسان قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس جنازي ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گمبٽ لڳ فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي جي نئين چيئرمين پاران گندگي ۽ پاڻي جي صورتحال جو جائزو ورتو

هفتي پيل برساتن کان پوءِ ڳوٺ لهڻون خان کوکر پهچي علائقي جي گليون رستن جو تفصيلي معائنو ڪيو

گليون سوڙهيون ۽ مين رستن کان هيٺ هجڻ سبب برساتي پاڻي نڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون هيون

گهڻو وقت کان پوءِ ڪو عوامي نمائندو پاڻ اچي ڳوٺ ۾ مسئلن جو جائزو وٺي انهن جي حل لاءِ قدم کنيو آهي.

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ لڳ فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي جي نئين چيئرمين پرويز علي پٽي، وارڊ نمبر 3 جو چونڊيل ڪائونسلر خورشيد احمد چانڊيو ۽ وڏيرو اختيار علي کوکر گڏريل هفتي پيل برساتن کان پوءِ ڳوٺ لهڻون خان کوکر پهچي علائقي جي گليون رستن جو تفصيلي معائنو ڪيو. چيئرمين پرويز علي پٽي پنهنجي ٽيم سميت عملو گڏ ڪٺي نه صرف ڪهڻين ۾ موجود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪيٽي بندر ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ٺاريواري ڪيترن ئي سالن کان زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل

اسڪول جي ڇت، دريون، دروازن سميت سموري عمارت مڪمل طور تي ناڪاره ٿي چڪي آهي: علائقي واسي

ٽٽل ڇت ۽ ڀڳل دريون، دروازن ۽ ڀتين جي حالت سبب ٻارڙا روزانو خوف واري ماحول ۾ پڙهائي ڪرڻ تي مجبور آهن

وڏي جاني نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي، پرائمري اسڪول ٺاريواري صرف ڳوٺ ٺاريواري تائين محدود نه آهي

ڪيٽي بندر (خليفو قادر عثمان) ٺٽي ضلعي جي تعلقي ڪيٽي بندر ۾ قائم گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ٺاريواري ڪيترن ئي سالن کان زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل آهي. اسڪول جي ڇت، دريون، دروازن سميت سموري عمارت مڪمل طور تي ناڪاره ٿي چڪي آهي، جيڪا ڪنهن به وقت ڪنهن وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. مقامي رهواسين ۽ والدين موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪيٽي بندر ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ٺاريواري ڪيترن ئي سالن کان زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل آهي

پيپلز پارٽي تعلقي ڪينگريءَ جي صدر سيد حسين علي شاهه جيلانيءَ جي صدارت هيٺ اجلاس

پريالوءِ (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڪينگريءَ جي صدر سيد حسين علي شاهه جيلانيءَ جي صدارت هيٺ پريالوءِ ٽائون ۾ پيپلزپارٽيءَ جي عهديدارن جي چونڊ جي حوالي سان هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پارٽي جي مختلف سطحن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي دوران پريالوءِ جي معزز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

انساني حقن واري کاتي جي خاص معاون راجوير سنگهه سوڍو سان واپاري جي وفد جي ملاقات

ملاقات ۾ سپريم ڪورٽ جي ايڊووڪيٽ محمد زبير هاشمي ۽ عطاالله ميمڻ شرڪت ڪئي

انساني حقن جي تحفظ لاءِ گڏيل ڪوشش ۽ ويجهڙائي سان ڪم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

عمرڪوٽ (محمد بچل) انساني حقن واري کاتي جي خاص معاون وزيراعليٰ سنڌ، راجوير سنگهه سوڍو پنهنجي آفيس ۾ اهم ملاقات ڪئي. جنهن ۾ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (FPCCI) جي لا اينڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

انساني حقن واري کاتي جي خاص معاون راجوير سنگهه سوڍو سان واپاري جي وفد جي ملاقات جو ڏيک

پ پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو جي وفات تي ٽنڊوآدم ۾ سوڳ

روشن الدين جوڻيجو جي جنازي نماز جي ادائگي لاءِ سوين ماڻهن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

آصف علي زرداري، پ پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپور، مراد علي شاهه شرجيل ميمڻ ڏک ونڊيو

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم پ پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو جي وفات تي ٽنڊوآدم ۽ پرپاسي سوڳ واري لهر ڇانيل آهي مرحوم روشن الدين جوڻيجو جي جنازي نماز جي ادائگي لاءِ شاهنواز جوڻيجو اسٽاپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

محرابپور مغل پاڙي ڳڙ منڊي واري گهٽي ۾ ناجائز بڻي سبب شهرين کي سخت پريشانيون

ڳڙ منڊي واري گهٽي ۾ چار فٽ وڌيڪ جڳهه تي لڳل پڪوڙن جي بٺي اچڻ وڃڻ لاءِ مصيبت بڻجي وئي

قبضي ۽ خطرناڪ بٺي جي ڪوريج ڪرڻ تي معروف مقامي صحافي شهزاد مغل کي سنگين ڌمڪيون ڏنيون ويون

محرابپور (رپورٽر) مغل پاڙي ڳڙ منڊي واري گهٽي ۾ ناجائز بٺي شهرين جي جان جو خطرو صحافين کي ڪوريج ڪرڻ تي ڌمڪيون نوٽيس وٺڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

پيپلزپارٽي ضلعي عمرڪوٽ جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نندلعل ميگهواڙ جي سامارو

سيد ڪرم حسين شاهه بخاري، پ پ تعلقه انفارميشن سيڪريٽري ڏاتر بخش سينهڙو شريڪ ٿيا

تقريب ۾ نندلعل ميگهواڙ کي سنڌ جي روايت موجب آيل مهمان لونگي شال اوڍائي طور پيش ڪئي وئي

عمرڪوٽ (محمد بچل) پيپلز پارٽي ضلعي عمرڪوٽ جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نندلعل ميگهواڙ جي سامارو آمد تي پيپلزيوٿ ٽيم پاران سيد بلند شاهه حويلي تي آجياڻو پيش ڪري مبارڪ باد ڏني وئي. ان موقعي تي سي ايم او سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڊيسنٽ پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول ڏاتار نگر پير جو ڳوٺ ۾ ڪامپيٽيشن جو پروگرام منعقد

پنجون اسپيلنگ بي ۽ ڪلاس ڇهين کان ڪلاس ٻارنهن تائين ڪوئز ڪامپيٽيشن ٿي گذريو

شاگرد ايڪٽو رهندا ته جئين اڳتي انهن شاگردن کنهن به قسم جي پريشاني ڪونه ٿيندي: استاد

ٺٽو (واحدشورو) ڊيسنٽ پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول ڏاتار نگر پير جو ڳوٺ ۾ اڄ ڪامپيٽيشن جو پروگرام منقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪلاس ٻئي کان ڪلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو: ڊيسنٽ پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول ڏاتار نگر پير جو ڳوٺ ۾ ڪامپيٽيشن جو پروگرام منعقد آهي

سچل سرمست ڊگري ڪاليج راڻيپور ۾ باقائدگيءَ سان ڪلاس هلي رهيا آهن: سماجي اڳواڻ

شاگرن جي حاضري پڻ قابلِ اطمينان آهي- ڪاليج جا شاگرد نجي ڪاليجز کي هر شعبي ۾ مات پيا ڏين

سچل سرمست ڊگري ڪاليج راڻيپور جا شاگرد محنت ڪري پوزيشنون حاصل ڪن پيا جيڪو پڻ هڪ رڪارڊ آهي

راڻيپور (منير جوڻيجو) سچل سرمست ڊگري ڪاليج راڻيپور ۾ باقائدگيءَ سان ڪلاس هلي رهيا آهن. ڪلاسن ۾ شاگرن جي حاضري پڻ قابل اطمينان آهي هن ڪاليج جا شاگرد نجي ڪاليجز کي هر شعبي ۾ مات پيا ڏين - جس لهڻا رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

راڻيپور: سچل سرمست ڪاليج ۾ تقريب منعقد آهي

چوپايو مال اينيمل هسبينڊري کاتي ۾ خالي پيل اسٽاڪ اسسٽنٽ ۾ 117 خالي پيل تي ڀرتيون نه ٿيون

خالي پيل اسٽاڪ اسسٽنٽ (ايس اي) جي 117 خالي پيل جاين تي سال 2012 کان ڀرتيون نه ٿيون آهن

بچاءَ وقت سر حفاظتي ٽڪا ۽ علاج نه ٿيڻ ڪري غير محفوظ ٿي هزارن جي تعداد ۾ هر سال مرڻ لڳو آهي

مٺي (محمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر ضلعي ۾ چوپايو مال اينيمل هسبينڊري کاتي ۾ خالي پيل اسٽاڪ اسسٽنٽ (ايس اي) جي 117 خالي پيل جاين تي سال 2012 کان ڀرتيون نه ٿيون. ٿر جو مال شماري مطابق 70 لک کان وڌيڪ چوپايو مال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

انسانيت جي خدمت انسان جي سڀ کان وڏي خدمت صحت جو خيال رکڻ آهي: محمد حسن شاهه

چيل بند ۽ ويجهن علائقن جي ماڻهن لاءِ پنجن مهينن جو مفت ميڊيڪل ڪيمپ جو بندوبست ڪيو ويو آهي

سمورن مريضن لاءِ مفت دوا، يونروزاني مريضن جو تعداد روزانو صرف 40 مريضن جو تفصيلي معائنو ڪيو ويندو

عمرڪوٽ (رپورٽر) زندگي جو اصل مقصد: انسانيت جي خدمت انسان جي سڀ کان وڏي خدمت سندس صحت جو خيال رکڻ آهي. قبلو سائين ميان حاجي محمد حسن شاهه صاحب جي انتهڪ محنت، ڪوشش ۽ مهربانين سان، سيد ميان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

عمرڪوٽ: سيد محسن شاهه طرفان مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي آهي

مٺي ۾ پروفيسرس، ليڪچررس ايسوسيئشن پاران ڊرامانويس محمد دل جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

سائين حاجي محمد دل جي ياد ۾ هڪ تعزيتي ميڙاڪو، صادق فقير بوائز ڪاليج مٺي ۾ منعقد ڪيو ويو

حاجي محمد دل معاشري کي اڏيندڙ، تاريخ ساز ڪردار هو، علم ادب جي حوالي سان ڪيل ڪم تاريخ جو حصو آهي

مٺي (محمدرحيم مگريو) مٺي ۾ سنڌ پروفيسرس، ليڪچررس ايسوسيئشن (سپلا) مٺي پاران ٿر جي ناميارو اديب، ليکڪ، ڊراما نويس، استاد سائين حاجي محمد دل جي ياد ۾ هڪ تعزيتي ميڙاڪو، صادق فقير بوائز ڪاليج مٺي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سوشل ورڪر اتحاد ضلع بدين پاران ٽنڊوباگو تعلقي جي باڊي جو اعلان

پريس ڪلب ٽنڊوباگو ۽ نيشنل پريس ڪلب ٽنڊوباگو تي تقريب منعقد ڪئي وئي

ضلعي جنرل سيڪريٽري مولوي عبدالواجد سمون، اطلاعت سيڪريٽري فرحان علي عباسي شريڪ

بدين (رجب راهمون) سوشل ورڪر اتحاد ضلع بدين پاران ٽنڊوباگو تعلقي جي باڊي جو اعلان سوشل ورڪر اتحاد ضلع بدين پاران تعلقي ٽنڊوباگو جي نئين باڊي جو اعلان ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ پريس ڪلب ٽنڊوباگو ۽ نيشنل پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سهراب ڳوٺ ٽائون جي ڏٽي بخش بروهي ڳوٺ ۾ بهار فائونڊيشن پاران علي بخش چنا کي پيٽا پيش

آفيسرن سينيئر استادن صحافين ڪالم نگارن سماجي اڳواڻن ۽ علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

نياز حسين ٻرڙو ڊي اي او پرائمري، منظور احمد نانگراج ڊائريڪٽر هوم ڊپارٽمنٽ، گريوا اڳواڻ محمد قاسم پٺاڻ شريڪ

منظور احمد ميمڻ، ذوالفقار سيال، آستا جو جنرل سيڪريٽري لالا بشير احمد پٺاڻ ۽ بهار فائونڊيشن جي چيئرمين پاران شرڪت

ڪراچي (منصور چانڊيو) سهراب ڳوٺ ٽائون جي ڏٽي بخش بروهي ڳوٺ ۾ بهار فائونڊيشن جي محبتن چاهتن ۽ خدمتن جي اداري منهنجي امڙ پبلڪ لائبريري ۾ انسان دوست شخصيت قابل احترام سينئر استاد اڳواڻ علي بخش چنا جي وڇوڙي تي قرآن خواني ۽ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ تعليمي آفيسرن سينيئر استادن صحافين ڪالم نگارن سماجي اڳواڻن ۽ علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو ۾ نياڻين کي سروائيڪل ڪينسر کان بچائڻ لاءِ قومي ويڪسينيشن مهم جو آغاز

سروائيڪل ڪينسر کان محفوظ رکڻ لاءِ قومي ويڪسينيشن مهم جو باضابطه آغاز ڪيو ويو

عاشق زرداري، ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي چيئرمين عبدالحميد پنهور، ڊي سي منور عباس سومرو شريڪ

والدين کي ڊڄڻ يا گهبرائڻ جي ڪا ضرورت ناهي، هي ويڪسين مڪمل طور تي محفوظ ۽ مؤثر آهي: ڊي سي

ٺٽو (واحد شورو) صحت کاتي ٺٽي پاران عورتن ۾ سرويڪل ڪينسر کان بچاءَ لاءِ ايڇ پي وي ويڪسين جي افتتاحي تقريب گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول مڪلي ۾ منعقد ٿي. تقريب جي صدارت پ پ اڳواڻ عاشق حسين زرداري ڪئي، جڏهن ته چيئرمين ضلع ڪائونسل عبدالحميد پنهور، ضلعي جنرل سيڪريٽري پ پ امتياز احمد قريشي، محسن هائوس جو ترجمان شاهنواز لوهار، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو ۾ نياڻين کي سروائيڪل ڪينسر کان بچائڻ لاءِ قومي ويڪسينيشن مهم جو آغاز ڪيو ويو آهي

دادو يوسي وليج اميناڻي بوائز ڪيمپس هاءِ اسڪول ۾ شاگردن جا پيپر لکڻ ۽ ڏيڻ جا انڪشاف

دادو (رپورٽر) تعليم کاتي دادو تعلقه دادو يوسي وليج اميناڻي بوائز ڪيمپس هاءِ اسڪول ۾ ڀهريون ڪارنامو غير قانوني پنجاب جي شاگردن جا سنڌ ٽيچر پنجاب جي شاگردن جا پيپر لکڻ ۽ ڏيڻ جا انڪشاف ٿيا هئا ان وقت هڪ ٽيچر ڊي اي او سڪنڊري جا پاور اسعمال ڪندي هڪ جعلي آرڊر تي هيڊ ماستر بڻجڻ جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

عمرڪوٽ ۾ 24 سيپٽمبر تي ٿيندڙ لوڪل گورنمينٽ جي ضمني چونڊن جي سلسلي ۾ اعليٰ سطحي اجلاس

ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر سيد طيب زوار بخاري جي صدارت هيٺ ميٽنگ هال بادشاهه ڪمپليڪس ۾ منعقد ٿيو

سنجي ڪمار ترڪيو، اسسٽنٽ ڪمشنر عمرڪوٽ رجب علي سٽيو، ايڪسين ايجوڪيشن ورڪس وشال داس شريڪ ٿيا

سيڪيورٽي پلان، ٽرانسپورٽيشن، بجلي جي فراهمي، پولنگ اسٽاف جي موجودگي ۽ ٻين انتظامي معاملن جو جائزو ورتو ويو

عمرڪوٽ (محمد بچل) ضلع عمرڪوٽ ۾ 24 سيپٽمبر 2025 تي ٿيندڙ لوڪل گورنمينٽ جي ضمني چونڊن 2025 جي سلسلي ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر عمرڪوٽ سيد طيب زوار بخاري جي صدارت هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

عمرڪوٽ ۾ 24 سيپٽمبر تي ٿيندڙ لوڪل گورنمينٽ جي ضمني چونڊن جي سلسلي ۾ اعليٰ سطحي اجلاس جو ڏيک

سکر سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ ۾ فليٽن تي ٿيل غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ بابت درخواستن تي ٻڌڻي

سکر (رپورٽر) سکر سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ ليبر ڪالوني سکر جي فليٽن تي ٿيل غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ بابت داخل ڪرايل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي وئي. عدالت جي طلب ڪرڻ تي ڊي سي سکر جي نمائندي طور اسسٽنٽ ڪمشنر ٽئون سکر وسيم احمد مهر ۽ ورڪرز ويلفيئر بورڊ جو ڊائريڪٽر احتشام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غلام الله شهر ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ قائم ٿيندڙ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار

ڪم ۾ غيرمعمولي دير سبب والدين ۽ شاگردياڻين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

غلام الله شهر جي مين هاءِ اسڪول جي عمارت جو ڪم شروع ٿيڻ سان ئي والدين ۽ شاگردياڻين ۾ خوشي هئي

غلام الله (بابوجان هنگورجو) غلام الله شهر ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ قائم ٿيندڙ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي تعميراتي ڪم ۾ غيرمعمولي دير سبب والدين ۽ شاگردياڻين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي گذريل اٺن مهينن کان تعميراتي ڪم ٺيڪيدار جي لاپرواهي ۽ غيرذميوار روين سبب رولڙي جو شڪار بڻيل آهي. جنهن ڪري علائقي جون سوين ني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سرڪاري ملازمن پاران پنهنجن مطالبن جي حمايت ۾ ڊويزنل سطح تي احتجاجي مظاهرو

ڊويزن جي مختلف علائقن مان سرڪاري ملازم پنهنجن حقن جي مطالبي لاءِ روڊن تي نڪتا

سنڌ حڪومت ٻين صوبن جي مقابلي ۾ اسان جي حقن کان انڪار ڪري رهي آهي: مظاهرين

ملازمن جون 42 تنظيمون پنهنجن هڪ درجن کان وڌيڪ مطالبن لاءِ دٻاءُ وجهڻ لاءِ ٻاهر نڪتيون آهن

ميرپورخاص (سومار سميجو) سرڪاري ملازمن پاران پنهنجن مطالبن جي حمايت ۾ ڊويزنل سطح تي احتجاج. سرڪاري ملازمن جي 42 تنظيمن احتجاج ۾ شرڪت ڪئي. ڊويزن جي مختلف علائقن مان سرڪاري ملازم پنهنجن حقن جي مطالبي لاءِ روڊن تي نڪتا. عمرڪوٽ روڊ کان مقامي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. هزارين شرڪت ڪندڙن پنهنجن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

يونين ڪائونسل جنگشاهي ۾ پ پ وائيس چيئرمين پاران جعلي ڪاتا رڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مختيار پليجو، احمد پليجو، گلزار پليجو، ممتاز جي نالن تي داخلائون رڪرائي وڪرو ڪندو رهيو آهي: پ پ اڳواڻ

سرمائيدارن کي ديهه هاليجي، ديهه جنگشاهي، ديهه هالاٽ، ديهه گجو، ديهه ڪوهستان ست پاڳي چار ۾ جعلسازي ڪئي

فراڊين جي ٽولي کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي ۽ اربين رپين وصول ڪري سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايا وڃن

جنگشاهي (ذوالفقار علي) يونين ڪائونسل جنگشاهي جي پ پ جي سابق وائيس چيئرمين انجنيئر محمد سبحان الله پليجي ۽ ٻين جنگشاهي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي، تفصيل موجب، چيو ته مون وٽ دستاويزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

يونين ڪائونسل جنگشاهي ۾ پ پ وائيس چيئرمين پاران جعلي ڪاتا رڪرائڻ خلاف احتجاج جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان ۾ امڪاني ٻوڏ جي پسمنظر ۾ مفت ميڊيڪل ۽ وٽرنري ڪيمپس لڳايا ويا

ٽنڊو محمد خان (حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان ۾ امڪاني ٻوڏ جي پسمنظر ۾ مفت ميڊيڪل ۽ وٽرنري ڪيمپس، 582 مريضن ۽ 293 جانورن جو علاج ٽنڊو محمد خان: ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڍرمو ڀاوانيءَ جي هدايت تي ضلعي صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آءِ پاران امڪاني ٻوڏ جي پسمنظر ۾ طبي سرگرميون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ميرپورخاص جي ٻن بلدياتي تڪن تي چونڊ 24 سيپٽمبر 2025 تي ٿيندي، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر

تعلقه جهڏو جي يونين ڪائونسل مير الهبچايو ٽالپر جي خالي پيل سيٽ تي 24 سپٽمبر 2025 تي چونڊ ٿيندي

سيڪيورٽي انتظامن، عملي جي فراهمي ۽ ٻين لاڳاپيل انتظامن جي حوالي سان گڏجاڻي منعقد ٿي، اي ڊي سي شريڪ ٿيا

محمد عارف آرائين، اسٽنٽ اليڪشن ڪمشنر مشتاق علي مستوئي، پوليس ۽ صحت کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي

ميرپورخاص (سومار سميجو) ٻن بلدياتي حلقن جا ضمني چونڊون 24 سيپٽمبر تي ٿينديون ميرپورخاص ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر خالد حسين لونڊ اعلان ڪيو آهي ته ضلع جي ٻن بلدياتي حلقن ۾ ضمني چونڊون 24 سيپٽمبر 2025ع تي منعقد ٿينديون. تفصيل موجب، چونڊون تعلقه شجاع آباد جي وارڊ نمبر 1 ۽ تعلقه جهڏو جي يونين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڏوڪري ۾ ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف پاران جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي تقريب

پرنور محفل ۾ حافظ عبدالرزاق جوڻيجو ۽ حافظ ذوالفقار جوڻيجو سيرت نبي ڪريم ﷺ تي خطاب ڪيو

نعت خوان عبادالله قاسمي ۽ مدد علي ميتلو هن محفل کي حضور ڪريم ﷺ جن جون نعتون پڙهي جهومائي ڇڏيو

تقريب ۾ ملڪي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعا خير گهري جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جو لنگر تقسيم ڪيو ويو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف ضلعي لاڙڪاڻي طرفان هر سال جيان هن سال به جشن عيد ميلاد النبي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن جي صدارت ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر صفدر حيدر جوڻيجو جن ڪئي. خبر موجب ڏوڪري ۾ ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف جشن عيد ميلاد نبي جن جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏوڪري ۾ ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف پاران جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي تقريب منعقد آهي

پٿورو شهر جي رهواسي سيٺ گووند کتري تي ٿيل حملي جو سردار علي شاهه نوٽيس ورتو

عمرڪوٽ (محمد بچل پٿورو) واقعي جي مزمت پٿورو شهر جي رهواسي سيٺ گووند کتري تي ٿيل حملي جو تڪ جي ايم پي اي صوبائي وزير تعليم معدنيات سيد سردار علي شاهه پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ سيد سرفراز علي شاهه طرفان سخت لفظن ۾ مزمت سندن پاران پوليس کي سخت هدايتون جاري جوابدار هر صورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12